ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 02 جون 2026ع 16 ذوالحج 1447ھ صفحا 06 - ملھ 30 روپيہ شمارو (286)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Daily Ibrat Karachi
Tuesday 2nd June 2026
سال (18) اڱارو 02 جون 2026ع 16 ذوالحج 1447ھ صفحا 06 - ملھ 30 روپيہ شمارو (249)

آمريڪا ايران جنگ ٻيهر شروع، پاسداران انقلاب جو آمريڪي اڏي تي حملو جنگبندي جون ڳالهيون معطل

آمريڪي فوج ايران جي گوروڪ ۽ قشقائي ٻيٽن ۾ ايراني هدفن کي نشانو بڻايو آهي، جيڪي آبنائي هرمز سان گڏ واقع آهن، حملي ايران پاران آمريڪي ڊرون ڪيرائڻ جي جواب ۾ ڪيا ويا: آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ

ايران جي انقلابي گارڊز هڪ آمريڪي هوائي اڏي کي نشانو بڻايو جتان ايران جي هرمزگان صوبي ۾ سرڪ ٻيٽ تي هڪ ٽيليڪميونيڪيشن ٽاور تي حملو ڪيو ويو هو: ترجمان

آمريڪا جي ليرو اسپيس فورس لن اڏي کي نشانو بڻايو ۽ تباهه ڪري ڇڏيو جتان آمريڪي فوجن مواصلاتي سهولت خلاف آپريشن شروع ڪيو هو، ڪجهه ڪلاڪن ۾ جواب ڏنو

لبنان ۾ حزب الله جي هدفن تي اسرائيل جي هوائي حملي جي جواب ۾ ايران آمريڪا سان جاري جنگ بندي ڳالهين تي بحث ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، شرطن ۾ لبنان به شامل هو

غزه ۽ لبنان ۾ اسرائيلي جنگ جو فوري طور تي خاتمو ۽ لبنان مان اسرائيلي فوجن جي مڪمل واپسي اٽل آهي، مطالبن تي پيش رفت ٿيڻ تائين آمريڪا سان ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ٿيندي: ايران

تهران/واشنگٽن/بيروت (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني انقلابي گارڊز دعويٰ ڪئي آهي ته انهن هڪ آمريڪي هوائي اڏي خلاف جوابي ڪارروائي ڪئي آهي. ايراني مهر نيوز ايجنسي جي مطابق انقلابي گارڊز هڪ آمريڪي هوائي اڏي کي نشانو بڻايو جتان ايران جي هرمزگان صوبي ۾ سرڪ ٻيٽ تي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ميانمار ۾ باغين جي ڪنٽرول هيٺ علائقي ۾ ڌماڪو 55 ڄڻا فوت

ڳوٺ ڪانگ تاٽ ۾ ڌماڪي ۾ مارجي ويلن ۾ 25 عورتون ۽ 30 مرد شامل

ينگون (اي پي پي) ميانمار ۾ باغين جي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي وزيراعظم جو فوج کي بيروت جي ڏکڻ علائقن ۾ هدفن تي حملا ڪرڻ جو حڪم

لبنان جي صورتحال تي غور لاءِ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو اجلاس به طلب ڪري ورتو

تل ابيب (اي پي پي) اسرائيلي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو اسرائيلي فوج کي لبنان جي گادي واري شهر بيروت جي ڏکڻ علائقن ۾ هدفن تي حملا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2


شگر: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

هو هر شئي توڙي گوادر ۽ ڪراچي کي به اسلام آباد مان هلائڻ چاهين ٿا، ان جو نقصان عوام ڀوڳيو آهي: پ پ چيئرمين

پيٽرول ۽ ڪڻڪ تي سبسڊي ۽ پاڪستان ائٽمي قوت هجڻ ”جيئي ڀٽو“ جي نعري جو نتيجو آهي: بلاول ڀٽو

پي ٽي آءِ کي ناراض ڪري اوهان وٽ آيو هئس، ٻيهر هتي اوهان جو ساٿ گهرڻ آيو آهيان، اوهان کي ڪلهن به پيپلز پارٽي کي مايوس نه ڪيو، هو غلط فهميءَ ۾ هئا ته عوام لاءِ آواز اٿارڻ وارو ڪو نه رهندو

قائد عوام اٿي، لٽي ۽ اجهي واري نعري تي عمل به ڪيو هو، پاڪستان ائٽمي طاقت بڻجي اڄ دنيا سامهون مضبوط ٿي بيٺو آهي، پيپلز پارٽي هميشه پنهنجي پيل طبقن جي نمائندگي ڪئي آهي


قائد عوام، گلگت بلتستان جي ڪمزور عوام جو ساٿ ڏنو، اميد آهي ته هن ڀيري اسان جي ڪا سيٽ چوري نه ٿيندي، وفاق ڪنگال آهي ته سڀ کان پهرين گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي وزارت بند ڪري

اڄ به اسان جو مطالبو آهي ته گلگت بلتستان ۾ شفاف چونڊون ٿين، اوهان کي فارم 45 هٿ ۾ ڪٽي واپس وڃڻو آهي، اوهان کي منهنجو ساٿ ڏيڻو آهي، فارم 47 جو بندوبست مان پاڻ ڪندس

اسان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آندو، شگر کان وٺي بلوچستان جي ساحلن تائين عورتن کي سهارو مليو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو تحفظ رکو پيپلز پارٽي ڪري سگهي ٿي

هتي افڙيون سياسي جماعتون آهن جيڪي پنهنجي ئي ڪامياب منصوبي کي بند ڪرڻ جي سازش ڪري رهيون آهن، پر اسان سنڌ، سموريون سازشون ناڪام بڻائينداسين: شگر ۾ چونڊ جلسي کي خطاب

شگر (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته مان چاهيان ٿو ته آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جو فيصلو اسلام آباد ۾ ويٺل بابو نه پر اوهان ڪريو. شگر ۾ چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مان ته سموري پي ٽي آءِ ايم کي ناراض ڪري اوهان وٽ آيو هوس، هڪ ڀيرو ٻيهر هتي اوهان جو ساٿ گهرڻ آيو آهيان
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: يورپي يونين جو وفد مس ڪاجا ڪلاس جي اڳواڻي ۾ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

بجيٽ جو وڏو حصو قرضن جي ادائگيءَ تي خرچ ٿيڻ سبب ترقياتي منصوبا متاثر ٿي رهيا آهن: احسن اقبال

گذريل 8 سالن کان وفاقي ترقياتي بجيٽ هڪ هزار ارب رپين جي سطح تي منجمند هئڻ جي حالت جو شڪار آهي

ان عرصي ۾ صوبن ۾ ترقياتي بجيٽ هڪ هزار ارب رپين مان وڌي 2869 ارب رپين تائين پهچي چڪو آهي

بلوچستان جي ترقيءَ لاءِ پاڪستان ايڪسپريس وي لاءِ 25 ارب رپيا رکڻ جي منصوبا بندي جي سفارش ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خاص قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته بجيٽ جو وڏو حصو قرضن جي ادائگيءَ تي خرچ ٿيڻ سبب ترقياتي منصوبا متاثر ٿي رهيا آهن جڏهن ته حڪومت محدود وسيلن باوجود قومي اهميت رکندڙ رٿائن جي پڄاڻيءَ لاءِ پُرعزم آهي. ساليانو پلان ڪوآرڊينيشن
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ٽيڪس شارٽ فال بابت تبصرو گمراهه ڪندڙ آهن، دعويٰ مالياتي صورتحال جي صحيح عڪاسي نٿا ڪن: خرم شهزاد

14130 ارب رپين جي ٽيڪس هدف جي بنياد تي بار بار 864 ارب رپين جي ٽيڪس شارٽ فال جو ذڪر ڪيو پيو وڃي، جيڪو گمراهه ڪندڙ تاثر آهي

شروعاتي روينيو هدف کي عالمي مالياتي فنڊ سان گڏ مشاورت کان پوءِ اٽڪل 13000 ارب رپين تائين گهٽ ڪيو ويو هو

مبينہ شارٽ فال جي بنياد تي اضافي يا غير معمولي ٽيڪس وصولي يا لاڳو قدمن جي خدشن جو ڪو به بنياد موجود ناهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي بابت وفاقي وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي ته مالياتي معاملن تي تبصري لاءِ حقيقتون ۽ تناظر اهميت رکندڙ آهن ڏميوارانہ مالياتي تبصري لاءِ بهتر عمل اڻٽر آهن، ٽيڪس شارٽ فال بابت تبصرو گمراهه ڪندڙ آهن. سوشل ميڊيا سماجي رابطي جي ويب
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عورت جاچ آفيسر پاران ساٿي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن تي سنگين الزام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ هڪ عورت جاچ آفيسر پنهنجي ساٿي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن تي جاچ ۾ رنڊڪون
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ريلوي نظام کي جديد ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن: حنيف عباسي

عوام کي بهترين، محفوظ، آرامده ۽ وقت سر سفري سهولتن جي فراهمي پاڪستان ريلويز جي پهرين ترجيح آهي

جاري منصوبن جي رفتار تيز ڪئي وڃي ۽ مقرر هدفن کي وقت سر مڪمل ڪيو وڃي: وفاقي وزير جي اجلاس ۾ هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو آهي ته عوام کي بهترين، محفوظ، آرامده ۽ وقت سر سفري سهولتن جي فراهمي پاڪستان ريلويز جي پهرين ترجيح آهي جڏهن ته ريلوي نظام کي جديد، اثرائتو ۽ عوامي ضرورتن سان هم آهنگ بڻائڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن. ريلوي وزارت
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪويت پاران ايراني حملن جي مذمت، سخت ڪارروائي جو اعلان

ايراني حملا ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام تي سڌو سنئون حملو آهن

تهران جا اهي قدم خطي ۾ ڇڪتاڻ وڌائڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا: ڪويت انتظاميا

ڪويت سٽي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪويت ايراني حملن جي سخت مذمت ڪندي انهن کي سنگين، خطرناڪ ۽ بار بار ٿيندڙ جارحيت قرار ڏنو آهي. ڪويتي پرڏيهي وزارت ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پشاور ۾ پڊ بيڙ ويجهو بم ڌماڪو علائقي ۾ خوف ڦهلجي ويو

دهشتگردن هڪ سي اين جي پمپ ويجهو گرين بيلٽ ۾ ڌماڪيدار مادو نصب ڪيو

سيڪيورٽي ادارن علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي

پشاور (اي پي پي) پشاور جي علائقي ڪوهاٽ روڊ تي پڊ بيڙ ويجهو سومر ڏينهن بم ڌماڪو ٿيو جنهن سان علائقي ۾ خوف ڦهلجي ويو. پوليس موجب اڻڄاتل دهشتگردن هڪ سي اين جي پمپ ويجهو
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: وفاقي وزير طارق فضل چوڌري حج جي سعادت ماڻي واپس موٽندڙ حاجين جو آڌرڀاءُ ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاران ايف بي آر کي 15 جون تائين ٽيڪس ريفنڊ جا سمورا التوا وارا ڪيس اڪلائڻ جي هدايت

وزيراعظم سان سڄي ملڪ جي چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي اعليٰ قيادت جي وفد ملاقات ڪئي، ايندڙ بجيٽ ۽ ملڪ جي مجموعي معاشي ترقي جي حوالي سان تجويزون پيش

مسلسل محنت سان معيشت کي استحڪام مليو، تيز تر معاشي ترقي جي لاءِ ڪوششون جاري رکنداسين، صنعتي ترقي ۽ پيداوار وڌائڻ جي لاءِ ايندڙ بجيٽ ۾ وڏيڪ قدم کڻنداسين: وزيراعظم

پاليسي ريٽ ۾ ناڻي اضافي جي باوجود ايڪسپورٽ ري فنانس اسڪيم جي شرح جون 2027ع تائين 4.5 سيڪڙو برقرار رهندي، برآمد ڪندڙن جي سهولت لاءِ بڌڪن جو اهو فيصلو سراهه جوڳو آهي

گري اڪانومي کي ڊيجيٽائيزيشن ۽ ٻين سڌارن جي ذريعي فارمل اڪانومي جي دائري ۾ آڻڻ جي لاءِ ڪاروباري برادري پاڪستان حڪومت سان ڀرپور تعاون ڪندي: وفد ۾ شامل ميمبر

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ايف بي آر کي 15 جون تائين ٽيڪس ريفنڊ جا سمورا التوا هيٺ ڪيسز اڪلائڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته مسلسل محنت سان معيشت کي استحڪام مليو، تيز تر معاشي ترقي جي لاءِ ڪوششون جاري رکنداسين، صنعتي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: صوبائي محتسب ڊاڪٽر سهيل راجپوت وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي ساليانو رپورٽ پيش ڪري رهيو آهي

گمبٽ ويجهو ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر سبب معصوم نينگر سميت 4 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

رسول آباد پرسان پيش آيل انتهائي افسوسناڪ روڊ حادثي ۾ هڪ ئي خاندان جا چار ڄڻا حياتي وڃائي ويٺا

حادثي ۾ فوت ٿيل 6 ورهين جي علي نواز، 28 ورهين جي قادر، سورٺ ۽ 8 ورهين جي غلام رهبر جا لاش اسپتال آندا ويا

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا، زخمي مسمات زرينہ شر کي گمبٽ اسپتال منتقل ڪيو ويو

خيرپور/گمبٽ/هنگورجا (نمائندن وٽان) هنگورجا جي علائقي رسول آباد پرسان پيش آيل روڊ حادثي ۾ هڪ ئي خاندان جا چار ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ عورت سخت زخمي ٿي پئي. فوت ٿيلن جا لاش
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پ پ اڳواڻن سيد فضل شاهه، پير ڪاظم شاهه لڪياري ۽ ٻين پاران تعزيت جو اظهار

ڪينجراڻي پيرا قومي اسيمبلي ۾ هاءِ وي جي خراب حالت بابت آواز اٿاريو آهي: سيد فضل شاهه

جيڪڏهن روڊ کي هڪ هڪ ڪارمينز اڪري ٽئين سر تعمير ڪيو وڃي ته حادثن ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي

خيرپور: ان افسوسناڪ حادثي تي قومي اسيمبلي جي ميمبر پير سيد فضل علي شاهه جيلاني، سينيٽر پير سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي مقامي اڳواڻ عبدالسميع پنهور متاثر خاندان
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

نيشنل هاءِ وي جي خراب حالت سبب حادثا روز جو معمول آهن: رهواسي

خيرپور: هوڏانهن نيشنل هاءِ وي جي خراب
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

حادثي جو شڪار ٿيندڙن جو تعلق ڳوٺ عاقل شر جي هڪ ئي خاندان سان آهي: پوليس

ٽرالر کي تحويل ۾ ورتو آهي، ڊرائيور واقعي واري هنڌ تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

خيرپور: پوليس موجب حادثي جو شڪار ٿيندڙن جو تعلق رسول آباد لڳ ڳوٺ عاقل شر جي هڪ ئي خاندان سان آهي. هوڏانهن ايس ايڇ او هنگورجا محمد اقبال نون موجب حادثي ۾ ملوث ٽرالر کي تحويل
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2


هنگورجا: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل ٻيڙي ۽ نينگر جو لاش پيل آهن


اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال اي پي سي سي جي گڏجاڻي ۾ خطاب ڪندي

سنڌ جي حصي جو پاڻي نه ملڻ تي پ پ کي وفاق کان ڌار ٿيڻ گهرجي: سردار عبدالرحيم

عوام جي بنيادي حقن زراعت، معيشت ۽ مستقبل تي ڪيو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو

پاڻي روڪڻ جو سلسلو جاري رهيو ته سنڌ جا ماڻهو روڊن تي نڪري ڀرپور جمهوري جدوجهد ڪندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي ته جيڪڏهن
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

وفاقي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهار 100 سيڪڙو وڌائي وڃي: حليم عادل شيخ

موجوده حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي

عوام جي کيسي تي ڌاڙو هڻي اشرافيہ کي رليف ڏيڻ وارو عمل بند ٿيڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ملڪ جي بگڙجندڙ معاشي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب اليڪٽرڪ بس سروس متاثر، متبادل گاڏيون هلائڻ جو فيصلو

گذريل ٽن ڏينهن کان مهران ڊيپو جي بجلي بند سبب اليڪٽرڪ بسون چارج ڪرڻ جو عمل سخت متاثر

انتظاميہ عارضي طور تي اي وي بسون بند ڪري متبادل طور هائبرڊ بسون هلائڻ شروع ڪري ڇڏيون

ڊيپو کي بجلي جي فراهمي جلد بحال نه ٿي ته انهن روٽن تي سروس جاري رکڻ مشڪل ٿي ويندو: انتظاميا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) غير اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب اليڪٽرڪ بس سروس متاثر متبادل بسون هلائڻ جو فيصلو ڪراچي ۾ جاري غير اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب شهري ٽرانسپورٽ نظام به متاثر ٿيڻ
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ترقياتي اسڪيمن شروع ڪرڻ لاءِ جامع منصوبابندي ڪئي وڃي: ناصر شاهه

ڪراچي ۾ صوبائي وزير جي صدارت هيٺ بلديات کاتي جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ برساتي پاڻي کي زمين هيٺ ذخيرو ڪرڻ وارن منصوبن تي به غور ويچار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بلديات واري وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ بلديات کاتي جو اعليٰ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: صوبائي وزير رياض حسين شاهه شيرازي فون تي ماڻهن جا مسئلا ٻڌندي

مڪہ مڪرمہ گذريل 26 سالن دوران دنيا جو گرم ترين شهر قرار

مڪہ مڪرمہ (اي پي پي) عالمي ماحولياتي ۽ موسمياتي تبديلين جي مانيٽرنگ ڪندڙ عالمي ادارن پنهنجي تازي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ تيزي جو رجحان

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽن ۾ سومر ڏينهن ڪاروباري هفتي جي شروعات تي تيزي جو رجحان رهيو
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جي لاپرواهي سبب ڪراچي مسئلن جو شهر بڻجي ويو آهي: جماعت اسلامي

موجوده حالتن کي ڏسي لڳي ٿو ته گندگي جي حوالي سان شهر ملڪ ۾ پهرين نمبر تي اچي ويندو

حب ڪينال جي ٻي لائين تعمير ٿيڻ باوجود شهر کي گهربل پاڻي فراهم نه پيو ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي ڪراچي جي قائم مقام امير سيف الدين ايڊووڪيٽ چيو آهي ته سنڌ حڪومت جي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سان صوبائي محتسب اعليٰ جي ملاقات، ساليانو ڪارڪردگي رپورٽ پيش

صوبائي محتسب اعليٰ ڊاڪٽر سهيل راجپوت وزير اعليٰ هائوس ۾ وڏي وزير سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ شڪايتن جي ازالي، شفافيت ۽ سروس ڊليوري جي بهتري بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سان صوبائي محتسب اعليٰ ڊاڪٽر سهيل راجپوت ملاقات ڪئي جنهن
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

والدين جي محبت، قرباني ۽ تربيت، مضبوط سماج جي بنياد آهي: مراد علي شاهه

ماءُ پيءُ پنهنجي خوشين کي قربان ڪري اولاد جي ڪاميابي لاءِ جدوجهد ڪن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

وفاقي شرعي عدالت جي وقتي چيف جسٽس جي مقرري جي منظوري

جسٽس ڊاڪٽر سيد محمد انور وفاقي شرعي عدالت جو سينيئر ترين جج آهي

صدر وزيراعظم جي ايڊوائيس تي وقتي چيف جسٽس جي مقرري جي منظوري ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري وفاقي شرعي عدالت جي وقتي چيف جسٽس جي مقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

عمران غزنوي نجڪاري ڪميشن ۾ چيف ميڊيا آفيسر ۽ پرنسپل ترجمان مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) عمران غزنوي نجڪاري ڪميشن ۾ چيف ميڊيا
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اوگرا هلندڙ مهيني جون لاءِ ايل پي جي جي نئين قيمتن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) هلندڙ مهيني جون لاءِ ايل پي جي جي نئين قيمتن جو
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير، ڪراچي ۾ نادرا ميگا سينٽر جو اوچتو دورو ڪري معلومات ورتي

سينٽر ۾ موجود شهرين کان شناختي ڪارڊ ۽ ٻين دستاويزن ٺهڻ واري عمل بابت ڄاڻ حاصل ڪئي

محسن نقوي پاران بزرگ شهرين ۽ عورتن کي ترجيحي بنيادن تي سهولتون ڏيڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي گهرو وزير
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي جرمني ويندڙ ٽن شڪي عورت مسافرن روڪيو ويو

عورتون ندا، گلناز ۽ اقصيٰ جرمني جي اسٽوڊنٽ ويزا تي پرڏيهه وڃي رهيون هيون

روڪيل عورتن جي ڏون مان شڪي تعليمي دستاويز ۽ ٻيو مواد هٿ آيو آهي: ايف آءِ اي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي اميگريشن جرمني ويندڙ ٽن عورت مسافرن کي شڪي تعليمي دستاويزن جي بنياد تي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هفتو اڳ قتل ڪيل پيرسن جو قاتل سنڌس پٽ نڪتو، گرفتار

پوري عباس ٽائون ۾ مقتول لطف علي کي سنڌس وڏي پٽ عاطف قتل ڪيو

پوليس ٽيڪنيڪل ۽ جديد جاچ ذريعي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو، ڏوهه جو اعتراف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) هڪ هفتو اڳ پيري ويجهو عباس ٽائون ۾ گهر اندر تيز چري جا وار ڪري هڪ شخص کي قتل ڪرڻ
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جناح اسپتال جي واش روم ۾ ٻار جي پيدائش انتظاميا جي غفلت قرار

معاملي بابت جوڙيل ڪميٽي جاچ رپورٽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر وٽ جمع ڪرائي ڇڏي

متاثر عورت کي گائني وارڊ ۾ ڪنهن به عملي طرفان فوري طبي امداد فراهم نه ڪئي وئي: رپورٽ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جناح اسپتال ڪراچي جي واش روم ۾ ٻار جي پيدائش واري معاملي تي جوڙيل ٽن رڪني جاچ
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ تعلقي ۾ بدامني، ٽي موٽرسائيڪلون، هزارين رپيا ۽ 4 موبائيل فونون ڦريون ويون ايس پي سي طلب

هڪ ئي ڏينهن ۾ موٽرسائيڪلون، روڪ رقم ۽ موبائيل فونز ڦر ٿيڻ جون 3 وارداتون پيش آيون

شهر ۽ ڀرپاسي ۾ ڦرلٽ ۽ بدامني جي واقعن ۾ واڌ خلاف سجاڳ ڌرين ۾ سخت ڪاوڙ پکڙيل

جسقم بشير خان گروپ پاران اڄ آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائي لائحہ عمل جوڙڻ جو فيصلو

سيوهڻ (نامہ نگار) سيوهڻ تعلقي ۾ ڪافي وقت کان بدامني جو راڄ جاري آهي ۽ ڏوهي وارداتون روز جو معمول بڻجي ڪري عوام جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن. ان حوالي سان مليل ڄاڻ موجب سيوهڻ ۽ ڀرپاسي اوڌو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

جديد ٽيڪنالاجي سان قانوني تعليم تائين پهچ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو: چيف جسٽس

نون وڪيلن کي پيشيوراڻي ميدان ۾ درپيش چئلينجز جو بهتر طور تي منهن ڏيڻ جي قابل بڻائڻ ترجيح ۾ شامل آهي

بار ڪائونسلن ڪورس جي نصاب ۽ طريقيڪار بابت پنهنجون تجويزون باضابطہ طور تي ڊائريڪٽوريٽ آف ليگل ايجوڪيشن کي اماڻين

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته نوجوان وڪيلن کي عملي قانوني مهارتون، پيشيوراڻي قابليت ۽ مضبوط اخلاقي بنيادن سان سينگارڻ هڪ اثرائتو ۽ عوام
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: چيف جسٽس اي ڪورس آف لا جي لانچنگ ڪري رهيا آهن

ٽنڊوالهيار جي تعليم کاتي ۾ 1 کان 4 گريڊ جي نوڪري لاءِ انٽرويو ورتا ويا

پرائونشنل هاءِ اسڪول ۾ انٽرويو دوران انتظام مڪمل نه هجڻ ڪري بدنظمي

اميدوارن پاران گرمي، پاڻي نه هجڻ ۽ سفارشي ماڻهن کان انٽرويو وٺڻ جون دانهون

ٽنڊوالهيار (ر ز) ٽنڊوالهيار جي تعليم کاتي ۾ 1 کان 4 گريڊ جي نوڪري لاءِ شهر جي پرائونشنل هاءِ اسڪول ۾ انٽرويو ورتا ويا، انٽرويو دوران انتظام مڪمل نه هجڻ ڪري بدنظمي پيدا ٿي وئي جڏهن گرمي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

هنگورجا ۾ شهرين ۽ دڪاندارن وڌندڙ بدامني جي خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين عبدالجبار ميمڻ، عبدالله شر اسرار گلال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

شهر ڏوهن جون وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن، بدامني تي ڪنٽرول ڪيو وڃي

هنگورجا (ع ع) هنگورجا ۾ شهرين ۽ دڪاندارن وڌندڙ بدامني جي خلاف پريس ڪلب هنگورجا پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو. عبدالجبار ميمڻ عبدالله شر اسرار گلال ٻين جي اڳواڻي ۾ بدامني جي خلاف
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ ننڍ ستل گهر ڀاتين مٿان هٿيار بندن جي فائرنگ، پيرسن عورت ۽ پٽ ۽ ڌيءَ قتل

گرين ڪالوني واري علائقي ۾ مغيري ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان جوابدارن گهر تي چڙهائي ڪري هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

گولين لڳڻ سبب 55 ورهين جي زرينہ خاتون سنڌس ٻه نوجوان پٽ روشن ۽ ضمير سميت نوجوان ڌيءَ صائمہ مغيري تڏي تي قتل ٿي ويا

مقتولا عورت جو مڙس بندهہ علي مغيري ۽ سنڌن 3 ورهين جي ڏوهٽي ڪجلي سخت زخمي، واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي مقتولن جا لاش ڪڍائي چانڊڪا اسپتال آندو، زخمين کي ٽراما سينٽر مان طبي امداد بعد ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي منتقل ڪيو ويو

واقعي بعد ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي، مقتولن جا لاش رتوڪوٽ پرسان اباڻي ڳوٺ الهه وسايو مغيري نيا ويا، مڙهہ پهچڻ تي علائقي ۾ سوڳ ڇانئجي ويو

لاڙڪاڻو (رپورٽ: منير سومرو) لاڙڪاڻي شهر ڀاهريان ماهوٽا ٿاڻي جي حد سنڌ گرين ڪالوني واري علائقي ۾ مغيري ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان گذريل اڄ ۽ سومر جي وچ واري رات دير سان هٿياربندن پوروهيت بندهہ علي مغيري جي گهر ۾ گهڙي ننڊ ستل گهر ڀاتين
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

نوجوان اصغر مغيري جي قتل جي جاچ ۾ مقتول ڌر جا ماڻهو بي ڏوهي ثابت ٿيا هئا

مخالف ڌر کي خاطري ڪرائي ته ڇڱي مڙس وٽ ڳالهيون رکن ۾ هن ڪابہ ڳالهہ نہ ٻڌي: وارث

اسان کي غلام نبي مغيري وارا مسلسل مونجهار ڌمڪيون ڏيندا هئا، اڄ واقعو پيش آيو آهي: متاثر ڌر

لاڙڪاڻو: مقتولن جي وارثن جو چوڻ آهي ته وٽ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ اصغر علي ڪجهه وقت اڳ درگاهہ يوسف شاهہ لاڙي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

مقتولن جي وارثن پاران جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

لاڙڪاڻو: هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل گهر ڀاتين جي وارثن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڊي آءِ جي واقعي جو نوٽيس ورتو ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪرڻ جو حڪم

ڊي آءِ جي ناصر آفتاب عارضي چارج رکندڙ ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم ملڪ سان رابطو ڪيو

پوليس کي افسوسناڪ واقعي ۾ ملوث نامزدن کي فوري گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

لاڙڪاڻو: اهڙي واقعي جو ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب نوٽيس وٺندي ايس ايس پي لاڙڪاڻو جي چارج رکندڙ ايس ايس
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

غلام نبي مغيري ۽ مقتول ڌر وچ ۾ زمين جو تڪرار هلندڙ هو

لاڙڪاڻو: اهڙي واقعي بابت معلوم ٿيو آهي ته ڪجهه وقت اڳ درگاهہ يوسف شاهہ لاڙي وٽ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل گهر ڀاتين
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: پ پ اڳواڻ ظفر جهنڊير جي ڪتاب جو مهورت پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو، وقار مهدي، رئوف ناگوري ۽ ٻيا ڪري رهيا آهن

پ پ اڳواڻ ظفر جهنڊير جي نئين تصنيف ”سپريم ڪمانڊر آف پاڪستان“ جي مهورت

صدر آصف علي زرداري جي سياسي زندگي، جمهوري جدوجهد ۽ قومي خدمتن تي ڪتاب لکيو ويو

هي رڳو هڪ ڪتاب نہ پر سياسي تاريخ جو اهم دستاويزي رڪارڊ آهي: نثار احمد کهڙو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ايم اين اي ڪٽيٽ هولڊر ۽ ميمبر سنڌ ڪائونسل ظفر
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ۾ معصوم نينگري پراسرار نموني گم، وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر

مسڪين ڪالوني مان گم ٿيل 8 ورهين جي تسميہ ڌيءَ علي حيدر جانوري جو پتو نہ پيو

وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو ويو، ٿاڻي تي گمشدگي جي رپورٽ داخل ڪئي وئي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي مسڪين ڪالوني مان ٽي ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿيل 8 ورهين جي نينگري تسميہ ڌيءَ علي حيدر جانوري جو اڃا تائين ڪو به ڏس پتو نہ پئجي سگهيو
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

بقايا	1	ميانمار ڌماڪو

ڪنٽرول هيٺ علائقي ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ 55 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب ميانمار جي رڳوڻ سٽيل صوبي شان ۾ باغين جي ڪنٽرول هيٺ چيني سرحد ويجهو نامڪم ٽائون جي ڳوٺ ڪانگ ٽات ۾ ٿيل ڌماڪي جي نتيجي ۾ فوت ٿيلن ۾ 25 عورتون ۽ 30 مرد شامل آهن علائقي تي ڪنٽرول رکندڙ تنظيم ٽانگ نيشنل لبريشن آرمي چيو آهي ته ڪاٺيون ڪوٺڻ ۽ پٿر پڃڻ واري ڪم ۾ استعمال ٿيندڙ ڌماڪي دار مادو اوچتو ڦاٽي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي فوت ۽ زخمي ٿيا. واقعي جي وڊيوز ۾ زمين تي هڪ وڏو کڏ ملبي جو ڍير تباهه ٿيل عمارتون سڙي ويل وڻ ۽ دونهون ڏسي سگهجي ٿو جيڪو ڌماڪي جي شدت کي ظاهر ڪري ٿو.

بقايا	2	بلاول ڀٽو

اوهان ڪڏهن به پيپلز پارٽي کي مايوس ناهي ڪيو هو غلط فهميءَ ۾ هئا ته عوام لاءِ آواز اٿارڻ وارو ڪو نه رهندو هن چيو ته قائد عوام اڳي لکي ۽ اڄهي واري نعري تي عمل به ڪيو هو پاڪستان ائٽمي طاقت بڻجي اڄ دنيا سامهون مضبوط ٿي بيٺو آهي پيپلز پارٽي هميشه پٺتي پيل طبقن جي نمائندگي ڪئي آهي. قائد عوام گلگت بلتستان جي ڪمزور عوام جو ساٿ ڏنو اوهان قائد عوام جو ساٿ ڏنو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اڄ به اسان جو مطالبو آهي ته گلگت بلتستان ۾ شفاف چونڊون ٿين اوهان کي فارم 45 هٿ ۾ ڪٺي واپس وڃڻو آهي اوهان کي منهنجو ساٿ ڏيڻو آهي فارم 47 جو بندوبست مان پاڻ ڪندس. اميد آهي ته هن ڀيري اسان جي ڪا سيٽ چوري نه ٿيندي. هن چيو ته گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جون چونڊون تڏهن ٿين جڏهن پاڪستان ۾ جنرل اليڪشن ٿئي. جڏهن گلگت بلتستان ۽ پاڪستان جون چونڊون گڏ ٿينديون ته پوءِ صحيح معنيٰ ۾ حقِ حاڪميت يقيني ٿيندو. پ پ چيئرمين چيو ته هو هر شيءِ کي اسلام آباد مان هلائڻ چاهين ٿا، گوادر ۽ ڪراچي کي به اسلام آباد مان هلائڻ چاهين ٿا، اسلام آباد وارا جيڪي فيصلا ڪن ٿا ان جو نقصان اوهان پوڳيو آهي هن چيو ته ٻيون پارٽيون گلگت بلتستان ۽ گوادر کي به اسلام آباد مان هلائڻ چاهين ٿيون جيڪڏهن وفاق ڪنگال آهي ته سڀ کان پهرين گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي وزارت بند ڪري. هن چيو ته اسان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آندو شگر ڪان وٺي بلوچستان جي ساحلن تائين عورتن کي سهارو مليو ٿو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو تحفظ رڳو پيپلز پارٽي ڪري سگهي ٿي ٻيون ڪنهن نه ڪنهن طرح هن پروگرام کي ختم ڪرڻ چاهين ٿيون هاڻي سندن نئين سوچ اها آهي ته هي پروگرام صوبن جي حوالي ڪن سڄي دنيا ۾ وفاقي حڪومتون اها ذميواريون کڻنديون آهن. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي صوبن جي حوالي ڪرڻ جو مطلب پروگرام بند ڪرڻ آهي. بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته مان پرڏيهي وزير طور افغانستان کي چوندو هئس ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي ماڊل بڻايو ۽ غريبن جي مدد ڪريو. هتي اهڙيون سياسي جماعتون آهن جيڪي پنهنجي ئي ڪامياب منصوبي کي بند ڪرڻ جي سازش ڪري رهيون آهن پر اسان سندن سمورين سازشون ناڪام بڻائينداسين.

بقايا	3	ڳالهيون معطل

هڪ ٽيليڪميونيڪيشن ٽاور تي حملو ڪيو ويو هو انقلابي گارڊز چيو ته ان جي ايرو اسپيس فورس ان اڏي کي نشانو بڻايو ۽ تباهه ڪري ڇڏيو جتان آمريڪي فوجن مواصلاتي سهولت خلاف آپريشن شروع ڪيو هو انقلابي گارڊز چيو ته حملو آمريڪي حملي جي اطلاع ملڻ ڪان ڪجهه ڪلاڪن بعد ڪيو ويو ۽ اڳواٽ مقرر ڪيل هدفن کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو ساڳئي وقت، آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽ ڪام) ايڪس تي دعويٰ ڪئي ته آمريڪي فوج ايران جي گوروڪ ۽ قشقائي بيٽن ۾ ايراني هدفن کي نشانو بڻايو آهي، جيڪي آبنائي هرمز سان گڏ واقع آهن سينٽ ڪام جي مطابق حملي ايران پاران آمريڪي ڊرون ڪيرائڻ جي جواب ۾ ڪيا ويا، لبنان ۾ جنگبندي ضروري آهي ٻئي طرف لبنان ۾ حزب الله جي هنڌن تي اسرائيل جي هوائي حملي جي جواب ۾ ايران آمريڪا سان جاري جنگ بندي ڳالهين تي بحث ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ايران جي نيم سرڪاري تسنيم نيوز ايجنسي ايراني ڳالهين ڪندڙ ٽيم ۽ هڪ باخبر ذريعن جو حوالو ڏيندي اها دعويٰ ڪئي آهي ايراني ميڊيا جي رپورٽن ۾ چيو ويو آهي ته ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنگ بندي جي مڪيه شرطن ۾ لبنان به شامل هو ايراني ميڊيا جي رپورٽن ۾ چيو ويو آهي ته ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنگ بندي جي مڪيه شرطن ۾ لبنان شامل هو ايراني ميڊيا جي رپورٽ موجب انهيءَ بنياد تي، ايراني ڳالهين ڪندڙ ٽيم ثالثن ذريعي آمريڪا سان جاري ڳالهين ۽ مسودن جي تبادلي کي معطل ڪري ڇڏيو رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته غزه ۽ لبنان ۾ اسرائيلي جنگ جو فوري طور تي خاتمو ۽ لبنان مان اسرائيلي فوجن جي مڪمل واپسي ناگزير آهي ايراني ميڊيا جي رپورٽ موجب باخبر ذريعن اهو به واضح ڪيو آهي ته انهن مطالبن تي پيش رفت ٿيڻ تائين آمريڪا سان ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ٿيندي ايراني حڪومت يا قيادت طرفان ڪا به ترديد يا تصديق نه ڪئي وئي آهي ته آمريڪا سان جاري جنگ بندي جون ڳالهيون معطل ڪيون ويون آهن پر ايراني وزيرن جا سخت بيان ضرور ان جي نشاندهي ڪن ٿا ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف چيو ته لبنان ۾ اسرائيلي جنگ ۽ ايراني بندرگاهن تي آمريڪي دٻاءُ جنگ بندي جي خلاف ورزي ۽ آمريڪي عدم تعميل جو ثبوت آهن ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو ته ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنگ بندي لبنان سميت سڀني محاذن تي لاڳو ٿئي ٿي ۽ لبنان ۾ خلاف ورزي ڪي پوري معاهدي جي خلاف ورزي سمجهيو ويندو پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي اهو به چيو ته لبنان ۾ اسرائيلي حملا ۽ آمريڪا جا متضاد موقف سفارتي عمل ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيا آهن ۽ لبنان ۾ جنگ بندي ڪنهن به ترقي لاءِ ضروري آهي.

بقايا	4	حڪم

اسرائيلي وزيراعظم پنهنجي بيان ۾ ملڪي فوج کي بيروت جي ڏکڻ ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ هدفن کي نشانو بڻائڻ جو حڪم ڏنو آهي جنهن علائقي تي حملي جو حڪم ڏنو ويو آهي اهو ضاحيهڪي نالي سان سڃاتو ويندو آهي ۽ ان کي حزب الله جو اهم مرڪز تصور ڪيو ويندو آهي ان کان اڳ لبنان جي صدر طرفان جاري بيان ۾ هن پنهنجي ملڪ تي اسرائيلي حملن جي شديد مذمت ڪئي هئي ٻئي طرف لبنان جي صورتحال تي غور لاءِ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو اجلاس به طلب ڪري ورتو آهي جنهن ۾ خطي جي تازي چڪتاڻ ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي.

بقايا	5	اعلان

ته ايراني حملا ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام تي سڌو سنئون حملو آهن بيان موجب ايراني ڪارروائيون بين الاقوامي قانون، گڏيل قومن جي چارٽر ۽ سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن جي کلي ڀڃڪڙي آهن. ڪويت جو چوڻ آهي ته انهن حملن سان نه رڳو ملڪي سلامتي خطري ۾ پئجي وئي آهي پر شهرين ۽ اهم ڍانچن جي حفاظت به داءُ تي لڳي وئي آهي. بيان ۾ چتايو ويو آهي ته ايران جا اهي قدم خطي ۾ چڪتاڻ وڌائڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا ۽ ان جا سنگين نتيجا نڪري سگهن ٿا. ڪويتي پرڏيهي وزارت واضح ڪيو ته رياست کي پنهنجي خودمختياري، سلامتي ۽ سرحدن جي دفاع لاءِ ضروري قدم کڻڻ جو مڪمل حق حاصل آهي. ڪويت ايراني حملن جي سموري ذميواري تهران تي لاڳو ڪندي چيو ته هو انهن جارحاڻي ڪارروائين جو جواب ڏيڻ لاءِ مناسب فيصلا محفوظ رکي ٿو هي بيان اهڙي وقت ۾ سامهون آيو آهي جڏهن ايران جي پاسداران انقلاب دعويٰ ڪئي آهي ته هن هڪ اهڙي فوجي اڏي کي نشانو بڻايو آهي جيڪو مبينا طور تي ايران جي "سيرڪ" بيٽ تي حملي لاءِ استعمال ڪيو ويو هو.

بقايا	6	هدايت

ترقي ۽ پيداوار وڌائڻ جي لاءِ اينڊڙ بجيٽ ۾ وڏيڪ قدم کڻنداسين وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان سڄي ملڪ جي چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي اعليٰ قيادت جي وفد سومر ڏينهن ملاقات ڪئي وفد وزيراعظم کي اينڊڙ بجيٽ ۽ ملڪ جي مجموعي معاشي ترقي جي حوالي سان تجويزون پيش ڪيون وفد سان ڳالهائيندي وزيراعظم چيو ته مسلسل محنت سان معيشت کي استحڪام مليو تيز تر معاشي ترقي جي لاءِ ڪوششون جاري رکنداسين هن چيو ته صنعتي ۽ پيداوار وڌائڻ جي لاءِ اينڊڙ بجيٽ ۾ وڏيڪ قدم کڻنداسين وزيراعظم ايف بي آر کي 15 جون تائين ٽيڪس ريفنڊ جا سمورا التوا هيٺ ڪيسز اڪلائڻ جي هدايت ڪندي چيو ته روانگي واپار تي بڌل معاشي ترقي اسان جو مشن آهي ۽ گڏيل ڪوششن سان ان مشن جي تڪميل يقيني بڻائينداسين هن چيو ته پاليسي ريٽ ۾ ڏاڍي اضافي جي باوجود ايڪسپورٽ ري فنانس اسڪيم جي شرح جون 2027ع تائين 4.5 سيڪڙو برقرار رهندي، برآمد ڪندڙن جي سهولت لاءِ بئنڪن جو اهو فيصلو سراهه جوڳو آهي وزيراعظم ڪاروباري برادري جي سهولت لاءِ پاڪستان ريونيو آٽوميشن لميٽيڊ (پرال) جي مرڪزي آفيس ڪراچي منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي جن کان باهرين ملڪ رهندڙ پاڪستانين ۽ ڪاروباري برادري جي درخواست تي گجرات ۾ پاسپورٽ جي آفيس ڪولڻ جي پڻ هدايت ڪئي وزيراعظم چيو ته ايس ايم اي سيڪٽر جي ترقي جي لاءِ سڌارن ۽ سهولتن جي فراهمي اسان جي معاشي ايجنڊا جو اهم حصو آهي هن زور ڏنو ته پاڪستاني سيوڪار جوائنٽ وينچرز جي ذريعي اليڪٽرڪ گاڏين جي مقامي پيداوار کي هٿي ڏين وفد جي شرڪت ڪندڙن وزيراعظم، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي نار جي چڪتاڻ واري صورتحال ۾ امن کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته سڄي ملڪ جي ڪاروباري برادري پاڪستان جي معاشي ترقي ۽ روزگار ۾ اضافي جي لاءِ حڪومت سان گڏ بيٺل آهي وفد پٺتي پيل ۽ وچولي طبقي جي لاءِ "وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام" تحت آسان شرطن تي قرض اسڪيم جاري ڪرڻ جي آجيان ڪئي وفد ايڪسپورٽ ڊيوليپمينٽ فنڊ جي بورڊ ۾ سڌارن، ايف بي آر جي ڪامياب تجڪاري، ايف بي آر جي ڊيجيٽائيزيشن ۽ اي - انوائسنگ جهڙن قدمن تي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا. وفد جي ميمبرن چيو ته ڳري اڪانومي کي ڊيجيٽائيزيشن ۽ بين سڌارن جي ذريعي فارمل اڪانومي جي دائري ۾ آڻڻ جي لاءِ ڪاروباري برادري پاڪستان حڪومت سان ڀرپور تعاون ڪندي مشاورتي اجلاس ۾ ايف پي سي سي آءِ ڪراچي لاهور راولپنڊي، اسلام آباد، سرحد، ڪوئيٽا، گجرات، گجرانوالا ۽ سيالڪوٽ چيمبرز جي صدرن سميت اعليٰ قيادت شريڪ ٿي اجلاس ۾ وفاقي وزيرن رانا تنوير حسين، محمد اورنگزيب، عطاءُ الله تارڙ، علي پرويز ملڪ، اويس احمد خان لغاري، ناظمي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد، ايف بي آر جي چيئرمين ۽ اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا	7	فيصلو

لڳو آهي جنهن ڪري اليڪٽرڪ بس سروس جزوي طور تي مشڪلاتن جو شڪار ٿي وئي آهي. پيپلز بس سروس جي انتظاميه موجب گذريل ٽن ڏينهن کان مهراڻ ڊپو کي بجلي جي فراهمي معطل آهي جنهن سبب اليڪٽرڪ بسون چارج ڪرڻ جو عمل سخت متاثر ٿيو آهي. صورتحال کي نظر ۾ رکندي انتظاميه عارضي طور تي اي ري بسون بند ڪري متبادل طور هائبرڊ بسون مختلف روٽن تي هلائڻ شروع ڪيون آهن ته جيئن مسافرن کي گهٽ کان گهٽ تڪليف ٿئي انتظاميه موجب اي ري ون روٽ ملير ڪينٽ کان سي ويو تائين، جڏهن ته اي ري ٽو روٽ ملير ڪينٽ کان نمائش تائين هلائي وڃي ٿي. اهڙي طرح آر ون پنڪ بس سروس ڪوکرا پار کان ڊاڪيارڊ تائين هلائي وڃي ٿي. هي سڀ روٽس مهراڻ ڊپو کان آپريٽ ٿين ٿا، جيڪو بنيادي طور تي اليڪٽرڪ بسن لاءِ مختص آهي. بس سروس اختيارين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن مهراڻ ڊپو کي بجلي جي فراهمي جلد بحال نه ٿي ته انهن روٽن تي سروس جاري رکڻ مشڪل ٿي سگهي ٿي جنهن سبب روزانو سفر ڪندڙ هزارين شهري متاثر ٿي سگهن ٿا.

بقايا	8	ناصر شاهه

سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ سيڪريٽري بلديات، اسپيشل سيڪريٽري بلديات، ڊي جي ڪي ڊي اي، ڊي جي ايم ڊي اي، سي او آر واٽر بورڊ، ڊائريڪٽر ميگا پروجيڪٽ سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سيڪريٽري بلديات طرفان سال 2026-27 جي ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي جنهن دوران ملير ڊيوليپمينٽ، لياري ڊيوليپمينٽ، سيوهڻ ڊيوليپمينٽ ۽ واٽر بورڊ جي ترقياتي منصوبن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ برساتي پاڻي جي نيڪال ۽ زير زمين هيٺ ڏنيرو ڪرڻ وارن منصوبن تي به ڳالهه ٻولهه ٿي. وزير بلديات چيو ته صوبي ڀر ۾ ترقياتي اسڪيمون شروع ڪرڻ لاءِ جامع ۽ موثر منصوبابندي ڪئي وڃي انفرااسٽرڪچر جي بهتري وارين اسڪيمن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. جاري ترقياتي اسڪيمون مقرر وقت تي مڪمل ڪيون وڃن اينڊڙ بجيٽ ۾ ڪي ايم سي ميگا پروجيڪٽ، ڪي ڊي اي، ايم ڊي اي ۽ ايس ڊي اي جي اسڪيمون به شامل ڪيون وڃن جڏهن ته پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي وارين اسڪيمن به بجيٽ ۾ شامل ڪيون پيون وڃن.

بقايا	9	سردار عبدالرحيم

سنڌ کي سنڌس آئيني ۽ قانوني حصي جو پاڻي فراهم نٿو ڪيو وڃي ته سنڌ حڪومت کي رڳو بيانن ۽ نمائشي احتجاجن تائين محدود رهڻ بدران پاڪستان پيپلز پارٽي کي وفاقي حڪومت کان ڌار ٿيڻ گهرجي هن چيو ته سنڌ جي عوام جي بنيادي حقن، زراعت، معيشت ۽ مستقبل تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو جيڪڏهن سنڌ جي حصي جو پاڻي روڪڻ جو سلسلو جاري رهيو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجن حقن جي حاصلات لاءِ روڊن تي نڪري ڀرپور جمهوري جدوجهد ڪندا. سردار عبدالرحيم چيو ته سنڌ ۾ مسلسل پاڻي جي کوٽ، گدو ۽ ڪوٽڙي بئراجن ۾ پاڻي جي گهٽتائي ۽ ارسا پاران سنڌ سان غيرمنصفاڻو رويو انتهائي ڳڻتي جوڳو آهي 1991ع واري پاڻي ڊاهه ۽ ارسا قانونن موجب سنڌ کي سنڌس مڪمل حصو ملڻ گهرجي پر لڳاتار ڪٽوتين سبب صوبي جي زراعت ۽ معيشت کي سخت نقصان پهچي رهيو آهي هن چيو ته پيپلز پارٽي هڪ طرف وفاقي حڪومت جو حصو آهي ۽ ٻئي طرف سنڌ جي عوام کي مطمئن ڪرڻ لاءِ رڳو نمائشي بيان ڏئي رهي آهي. جيڪڏهن واقعي سنڌ جا مفاد اوليت رکن ٿا ته سنڌ حڪومت کي عملي قدم کڻڻا پوندا. رڳو لفظي احتجاج سان سنڌ جي حقن جو تحفظ ممڪن ناهي سردار عبدالرحيم چيو ته پاڻي جي کوٽ سبب سنڌ جون زرعي زمينون متاثر ٿي رهيون آهن جڏهن ته ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ پاڻي جو بحران وڌيڪ شدت اختيار ڪري سگهي ٿو بدين، ٺٽو ۽ ٻين ساموندي علائقن ۾ اڳ ئي سمنڊ جي ڪار پاڻي جي چاڙهه سبب هزارين ايڪڙ زرعي زمين بنجر بڻجي چڪي آهي. هن مطالبو ڪيو ته سنڌ کي فوري طور سنڌس مڪمل حصي جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي سنڌ جا ماڻهو هاڻي وڌيڪ ناانصافي برداشت نه ڪندا ۽ پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ هر جمهوري ۽ آئيني رستو اختيار ڪندا.

بقايا	10	حليم عادل شيخ

صورتحال ۽ وڌندڙ مهانگائي تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته اينڊڙ وفاقي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 100 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي ته جيئن هو وڌندڙ مهانگائي جي بار کي برداشت ڪري سگهن پنهنجي بيان ۾ حليم عادل شيخ چيو ته حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ عوام دشمن بجيٽ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. هن چيو ته گذريل سال جي ڀيٽ ۾ مهانگائي ٻيڻي ٿي وئي آهي، جنهن سبب عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏکي بڻجي وئي آهي. هن چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سبب مهانگائي جو نئون طوفان برپا ٿي ويو آهي ۽ روزمره جي استعمال جون شيون عوام جي پهچ کان ٻاهر نڪري ويون آهن. سنڌس چوڻ هو ته پاڪستان جي لڳ ڀڳ اڌ آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. تنهن ڪري حڪومت کي فوري طور اڏاٿ عادل شيخ چيو ته حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪري ۽ ... پير ۾ کي ليف ... ٽيڪس ۾ ڪمي ... اڳي تي ٿي سان ... جي ... ۽ ... جي فوري طور ... ٽرانسپورٽ مافيا ... عوام کي ... اسڪيم ۽ ڪڙي ...

بقايا	11	روڪيو ويو

حڪومت کي فوري طور اڏاٿ عادل قدم کڻڻ گهرجن حليم عادل شيخ چيو ته عوام جي ڪيسي تي ڏاڙو هڻي اشرافيه کي رليف ڏيڻ وارو عمل بند ٿيڻ گهرجي. چيو ته موجوده حالتن ۾ عام ماڻهو سخت معاشي دٻاءُ هيٺ آهي هن الزام لڳايو ته فارم 47 واري حڪومت عوام ڪان ٻه وقت جي ماني به کسي ورتي آهي هن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ سياسي استحڪام نه هجڻ ڪري سڀ سبب معيشت تباهي ڏانهن وڃي رهي آهي ۽ حالتون خطرناڪ رخ اختيار ڪري رهيون آهن. حليم عادل شيخ مطالبو ڪيو ته حڪومت عوام کي فوري طور رليف فراهم ڪري ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ 150 رپيا في ليٽر گهٽتائي آڻي ته جيئن مهانگائي جي مار هيٺ آيل عوام کي ڪجهه ساهه کڻڻ جو موقعو ملي سگهي.

آف لوڊ ڪندي اسٽوڊنٽ ويزا فراڊ جو پتو لڳائي ورتو آهي. ايف آءِ اي جي ترجمان موجب آف لوڊ ڪيل عورت مسافرن ۾ ندا گلناز ۽ اقصيٰ شامل آهن. ندا ۽ گلناز جرمني جي اسٽوڊنٽ ويزن تي سفر ڪري رهيون هيون جڏهن ته اقصيٰ جرمن ريزيڊنس پرمٽ رکندڙ هئي. جاچ دوران ندا ۽ گلناز پنهنجي تعليمي پروگرام ۽ جرمني ۾ حاصل ڪرڻ واري تعليم بابت اطمينان بخش جاچ فراهم نه ڪري سگهيون. ٻنهي عورتن اعتراف ڪيو ته هنن پاڪستان جي ڪنهن به ڪاليج يا يونيورسٽي مان تعليم حاصل نه ڪئي آهي. ترجمان موجب وڌيڪ جاچ ۾ معلوم ٿيو ته اقصيٰ گذريل ڏهن سالن کان جرمني ۾ رهائش پذير آهي ۽ ويزا پروسيسنگ، بلاڪ اڪائونٽ ۽ تعليمي دستاويزن جي انتظام ۾ سهولتڪاري ڪري رهي هئي. ايف آءِ اي اختيارين جو چوڻ آهي ته اقصيٰ جي موبائل فون مان مشڪوڪ مارڪ شيٽون تعليمي رڪارڊ، دستخط ۽ ٻيو مواد هٿ آيو آهي جيڪو جعلي تعليمي دستاويزن جي تياري ڏانهن اشارو ڪري ٿو. وڌيڪ جاچ دوران ڪراچي جي رهواسي هڪ ايجنٽ همايون جو نالو به سامهون آيو آهي جنهن مبينا طور هر مسافر کان هڪ لک پنجاهه هزار رپيا وٺي جعلي تعليمي دستاويز فراهم ڪيا. ايف آءِ اي جي ترجمان موجب ٽنهي مسافرن کي آف لوڊ ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ايف آءِ اي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته معاملي جي جاچ جاري آهي.

بقايا	12	گرفتار

واري سنسني خيز واقعي کي بن قاسم پوليس حل ڪري ورتو آهي پوليس ڪيٽيڪل بنيادن ۽ جديد جاچ ذريعن جي مدد سان مقتول جي وڏي پٽ کي گرفتار ڪري ورتو جنهن دوران جاچ پنهنجي والد جي قتل جو اعتراف پڻ ڪري ورتو آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ عاطف ولد لطف علي طور تي ٿي آهي جڏهن ته مقتول لطف علي هو جاچ موجب جوابدار پنهنجي والد سان گهريلو معاملن ۽ ذاتي رنجش سبب اختلاف جو شڪار هو پوليس موجب واقعي واري ڏينهن جوابدار گهر اندر پنهنجي والد تي تيز ڌار ڇري سان وار ڪيا، جنهن سبب لطف علي سخت زخمي ٿي پيو مقتول زخمن جي سٽ نه سهندي واقعي واري هنڌ تي دم ڏئي ڇڏيو بن قاسم پوليس موجب ابتدائي جاچ دوران جوابدار اهم انڪشاف ڪندي ٻڌايو ته واقعو گهريلو رنجش جو نتيجو هو وڌيڪ جاچ ۾ اهو به معلوم ٿيو ته جوابدار قتل جي اڳواٽ رٿابندي ڪئي هئي ۽ عيد کان اڳ شاهه ڪالوني مان هڪ تيز ڌار ڇري خريد ڪري رکي هئي جيڪا بعد ۾ واردات دوران استعمال ڪئي وئي جاچ اختيارين موجب واقعي دوران مقتول پنهنجي جان بچائڻ ۽ جوابدار کي روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، پر جوابدار بي رحمي سان لڳاتار وار ڪندو رهيو جنهن سبب هو زندگي وڃائي ويٺو پوليس ذريعن موجب گرفتار جوابدار جاچ دوران پنهنجي ڏوهه جو اعتراف پڻ ڪيو آهي جڏهن ته سنڌس اعترافي بيان جي وائس رڪارڊنگ به سامهون آئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته واقعي بابت اهم ثبوت گڏ ڪيا ويا آهن جن جي بنياد تي ڪيس کي وڌيڪ مضبوط بڻايو پيو وڃي پوليس موجب گرفتار جوابدار کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ تفصيلي جاچ لاءِ انويسٽيگيشن ونگ حوالي ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪيس جي مختلف پهلوئن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي علائقي واسين واقعي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته جوابدار خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن مقتول جي وارثن کي انصاف ملي سگهي.

بقايا	13	غفلت قرار

ڪميٽي پنهنجي رپورٽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر کي جمع ڪرائي ڇڏي آهي جناح اسپتال جي ذريعن موجب رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته متاثر عورت رات سادي 9 وڳي گائني وارڊ ۾ پهتي پر وارڊ ۾ ڪنهن به عملي طرفان ڪيس فوري طبي امداد فراهم نه ڪئي وئي. ذريعن موجب رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته عورت جو الٽراسائونڊ نه ڪيو ويو ۽ ڪيس چهل قدمي ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو جڏهن ته ان دوران ڪنسلٽنٽ ۽ آر ايم او ڊيوٽي تي موجود نه هئا رپورٽ موجب مريضن سان گڏ آيل مرد گائني وارڊ جي احاطي ۾ موجود هئا جيڪو ضابطن جي خلاف آهي. ذريعن مطابق ڪميٽي ميڊيڪل آفيسر کي صحت کاتي ڏانهن موڪلڻ جي سفارش ڪئي آهي. جڏهن ته ڊيوٽي تي موجود پوسٽ گريجوئيٽ ڊاڪٽرز جي وڌيڪ ٽن مهينن جي ٽريننگ جي سفارش پڻ ڪئي آهي. رپورٽ ۾ سيڪيورٽي گارڊز جي ڊيوٽي بابت به تحفظات ظاهر ڪيا ويا آهن. ڪميٽي جي رپورٽ سيڪريٽري صحت ۽ صوبائي وزير صحت کي به موڪلي وئي آهي.

بقايا	14	قتل

معان انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني. گولين لڳڻ سبب 55 ورهين جي ڄمار جي پيرسن عورت زينت خاتون زال بندهه علي مغيري سنڌس 28 ورهين جو نوجوان پٽ روشن مغيري، 36 ورهين جو پٽ ضمير مغيري، سنڌس 25 ورهين جي ڌيءُ صائمه مغيري تڏي تي قتل ٿي ويا جڏهن ته مقتولا پيرسن عورت جو مڙس 52 ورهين جو بندهه علي مغيري ۽ سنڌس 3 ورهين جو ڏوهٽو ڪجلي مغيري سخت زخمي ٿي پيا. واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي واقعي بابت تفصيل وٺي مقتولن جا لاش ڪٽائي پوسٽ مارٽم لاءِ چانڊڪا اسپتال منتقل ڪري زخمين کي علاج لاءِ ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو جتي سنڌن جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ تي کين ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف اهڙي واقعي کان پوءِ ٻنهي ذرين ۾ چڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي. اهڙڙائين پوسٽ مارٽم بعد مقتولن جا لاش رتوڪوٽ پرسان اباڻي ڳوٺ الهه وسايو مغيري نيا ويا جتي لاش گهر پهچڻ تي علائقي ۾ سوڳ ڇانئجي ويو جڏهن ته آخري اطلاعن تائين اهڙي واقعي جو ڪيس داخل ٿي نه سگهيو هو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي.

بقايا	15	ثابت ٿيا

مغيري مارجي ويو هو جنهن واقعي جو ڪيس بيگناهه اسان جي ڪن ڄڻن جا نالا ڏنا ويا بعد ۾ اهڙي معاملي جي جاچ ۾ اسان بي ڏوهي نڪتاسين ۽ ڪين خاطري ڪرائي ته هو پاڻ ڪنهن ڄڻي مڙس وٽ ڳالهيون رکن پر هنن اسان جي هڪ ٻه ڳالهه نه ٻڌي اهڙي معاملي تان غلام نبي مغيري وارا مسلسل اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏيندا هئا جنهن ڪان پوءِ گذريل رات دير سان غلام نبي مغيري، راجا مغيري، رحم علي مغيري، جان محمد مغيري، پنهنجي پاڻين ۽ سنڌن سان گڏجي هٿيارن سان گڏجي اسان جي گهر تي حملو ڪري ٻن عورتن ۽ ٻن مردن سميت چئن ڄڻن کي قتل ڪري ٽينگڙي سميت ٻن ڄڻن کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا آهن جيڪا وڏي زيادتي آهي.

بقايا	16	مطالبو

ته نوٽيس وٺي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا	17	حڪم

پي شڪارپور محمد ڪليم ملڪ سان فون تي رابطو ڪري افسوسناڪ واقعي ۾ ملوث ذميوارن کي فوري گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. واقعي بابت ساهوڪا ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعو پراڻو تڪرار پيش آيو آهي. لاش پوسٽ مارٽم ۽ زخمين کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪري ملوث جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ ڇاپن جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي. جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا	18	تڪرار هلندڙ هو

ويل اصغر مغيري جي چاچي غلام نبي مغيري ۽ مقتول ڌر وچ ۾ زرعي زمين جي

...

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
URAAN PAKISTAN
(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)

ويسٽ مٽيريل جي ڊسپوزل جو ساليانو معاهدو

ٽينڊر نوٽيس نمبر: LP/T-2418/26

سڀ ساک رکندڙ سپلائرز/سروس فراهم ڪندڙن کان مهر بند آڇون گهرائجن ٿيون جيڪي ٽيڪس اختيارين سان رجسٽرڊ هجڻ گهرجن ۽ هيٺ ڏنل ڪم لاءِ فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ فهرست تي هجڻ گهرجن جيئن هيٺ ڏنل F.O.R. ٽينڊر دستاويزن مطابق

Tender No.	Bid Doc. Submission	Bid Opening Date & Time	Earnest Money	Description of Job / Items	Qty.
LP/T 2418/26	17-06-2026 11:00 A.M.	17-06-2026 11:30 A.M.	Rs. 100,000/-	Annual Disposal Contract of 9 x Waste Materials	As per Tender Document

تصريحات/بي او ڪيو/تفصيل لاڳاپيل دستاويزن سان ڳنڍيل آهن.

- هر شيءِ جي رزرود قيمت ٽينڊر دستاويز ۾ ذڪر ڪئي وئي آهي.
- آڇون انهن واڪ ڊينڊرن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون جيڪي EPADS ذريعي حصو وٺڻ چاهين ٿا. مشروط/نامڪمل واڪ دستاويزن تي غور نه ڪيو ويندو پيا شرط ۽ ضابطا ٽينڊر دستاويزن مطابق هوندا.
- تفصيلي ٽينڊر جو اشتهار PPRA ويب سائيٽ www.ppra.org.pk تي موجود آهي. مڪمل ٽينڊر دستاويز PSPC ويب سائيٽ www.pspc.gov.pk تي موجود آهن. جڏهن ته مڪمل ٽينڊر دستاويزجنهن ۾ اسائنمنٽ ۽ ٻين شرطن ۽ ضابطن تي تفصيلي وضاحت شامل آهي EPADS ويب سائيٽ www.eprocure.gov.pk تي موجود آهي.
- ٽينڊر دستاويزن ۾ ذڪر ڪيل هدايتن جي مطابق تيار ڪيل اليڪٽرانڪ آڇون مٿي ذڪر ڪيل وقت ۽ تاريخ تائين EPADS ذريعي جمع ڪرائڻ گهرجن. آڇون هٿرادو طور تي قبول نه ڪيون وينديون. اي۔ آڇون مخصوص وقت ۽ تاريخ تي EPADS تي کوليون وينديون.

PID K-3709/25

ڊپٽي جنرل مئنيجر، پرچيز ڊپارٽمينٽ، پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ.
جناح ايونيو ملير هالٽ، ڪراچي - 75100. فون: 021-99248511 (ايڪسٽينشن 19-2202) / www.pspc.gov.pk

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ايران-آمريڪا ڇڪتاڻ: جنگ، سفارتڪاري ۽ بدلجندڙ حقيقتون

صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر

هندستان ۾ ڏکي تي 'سياست'

صفحو 4

بجيٽ 27-2026 چا عوام کي رليف ملندو!

اعجاز ممنائي

صفحو 4

ڊاريو ريڊلي / گل محمد

موهن جو دڙو: ٻين قديم شهرن جي ڀيٽ ۾ معاشي برابريءَ جو تصور ڏنو!

صفحو 4

سيهڻ لڳ ڳوٺ منگي جو پاڙ جو اسڪول 10 سالن کان ڊٺل، شاگرد ٽينٽ اندر پڙهڻ تي مجبور

ڳوٺ منگي جو پاڙ جو گورنمينٽ پرائمري اسڪول گڏريل 10 سالن کان مڪمل طور تي ڪنڊر بڻيل

معصوم ٻارڙا سخت گرمي ۽ سردي واري موسم ۾ ڪپڙي جي ٽينٽ اندر تعليم پرائڻ تي مجبور

گڏريل 10 سالن کان اختيارين کي بار بار لکيل شڪايتون موڪليون ويون آهن پر تعليمي کاتي جي ڪن تي جُوءِ به نه چري: ڳوٺاڻا

سيهڻ (رپورٽ: وقار علي ميسباڻي) سيهڻ لڳ ڳوٺ منگي جو پاڙ جو تعليمي ايمرجنسي جا سڀئي دعوائون هوا ۾ اڏامي ويون سيهڻ جي ويجهو واقع ڳوٺ منگي جو پاڙ جو گورنمينٽ پرائمري اسڪول گڏريل 10 سالن کان مڪمل طور تي ڪنڊر بڻيل آهي جنهن جي ڪري معصوم ٻارڙا سخت گرمي ۽ سردي واري موسم ۾ ڪپڙي جي ٽينٽ اندر تعليم پرائڻ تي مجبور آهن. اسڪول جي حالتِ زار ۽ انتظاميه جي بي حسي، مقامي رهواسين ۽ معصوم شاگردن ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسڪول جي عمارت جي ڇت ۽ ديوارون ايتريون ته خستا ٿي چڪيون آهن جو اهي ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهن ٿيون خوف سبب استاد ۽ ٻار اسڪول جي اندر وڃڻ کان قاصر آهن گڏريل 10 سالن کان اختيارين کي بار بار لکيل شڪايتون موڪليون ويون آهن پر تعليمي کاتي جي ڪن تي جُوءِ به نه چري، انصاف علي جوڻيجو دانهيندي چيو ته اسان جا ٻار سنڌ جو مستقبل آهن پر کين بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي اونهاري جي سخت ٻڪندڙ گرمي هجي يا سياري جي ٿڌي لهر ٻار کليل آسمان هيٺ ٽينٽ ۾ ويهڻ ٿا اها تعليمي ايمرجنسي آهي يا تعليم دشمني؟ ڳوٺ منگي جو پاڙ جي رهواسين سنڌ جي وڏي وزير، وزير تعليم ۽ ڊائريڪٽر اسڪولز کان گهر ڪئي آهي ته اسڪول جي نئين عمارت تعمير ڪرائي وڃي، ٻارن کي ڪيمپ مان ڪڍي ڪلاسن ۾ ويهاريو وڃي، اسڪول ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ بنيادي فرنيچر جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي





سيهڻ: ڳوٺ منگي جو پاڙ جو گورنمينٽ پرائمري اسڪول گڏريل 10 سالن کان مڪمل طور تي ڪنڊر بڻيل

جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي مجلسِ عامله جو اهم اجلاس

بنيادي عوام جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي: راشد محمود سومرو

سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، قبائلي تڪرارن، ڌاڙن جي وارداتن ۽ امن امان تي ڪنٽرول ڪيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي مجلسِ عامله جو اهم اجلاس صوبائي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي جي صدارت هيٺ سکر جي هڪ مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيو.اجلاس کي خطاب ڪندي جي يو آءِ سنڌ جي اڳواڻ علامه راشد محمود سومرو ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، پيٽروليم ليوي، بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ، پاڻي جي کوٽ ۽ بيروزگاري تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته انهن مسئلن عوام جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي. جڏهن ته حڪمران عوامي تڪليفن جي حل بدران پنهنجي عياشين ۾ مصروف آهن.اجلاس ۾ ارسا پاران خريف سيزن دوران سنڌ جي حصي جي پاڻي ۾ 28 سيڪڙو گهٽتائي کي سنڌ سان ناانصافي قرار ڏيندي چيو ويو ته پنجاب ۾ پاڻي جي اضافي استعمال جي اجازت 1991ع واري پاڻي معاهدي جي ڀڃڪڙي آهي جنهن کي فوري طور روڪيو وڃي.مقررن سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، قبائلي تڪرارن ڌاڙن جي وارداتن ۽ امن امان جي خراب صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي حڪومت کان مؤثر قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو. اجلاس ۾ مدرسن ۽ مسجدن خلاف سازشن کي بند ڪرڻ شعائرِ اسلام جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ جبري گمشدگين جي خاتمي ۽ سمورن سياسي ۽ سماجي قيدين جي آزادي جو مطالبو پڻ ڪيو ويو.اجلاس تعليم صحت ۽ ملازمن جي بجيٽ ۾ نمايان واڌ، جمهوري ۽ سياسي عمل جي مضبوطي مهانگائي ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي ۽ عوامي پاليسي جي منصوبن تي ڌيان ڏيڻ جو مطالبو ڪيو. مجلسِ عامله سنڌ جي ورهاڱي جي هر سازش کي رد ڪندي واضح ڪيو ته اين ايف سي ايوارڊ ۽ اٺارهين آئيني ترميم خلاف ڪنهن به قسم جي ڪوشش کي سنڌ جي عوام جي حقن تي حملو سمجهيو ويندو جنهن جي ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي.اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته امنِ عالم اجتماع جي تاريخي ڪاميابي لاءِ ڀرپور جدوجهد جاري رکي ويندي ۽ دورن ۽ تعلقه سطح تي جاڳرتا مهم هلائي ويندي. ان سان گڏ هر هنڌ وڃي امن حقن ۽ انصاف جي آواز بلند ڪرڻ جو عزم ورجايو ويو.اجلاس ۾ چيو ويو ته حضور اڪرم صہ جي ختمِ نبوت اسان جي ايمان جي ريڊ لائن آهي ۽ ان جو انڪار ڪندڙن ڪوڙي نبوت جا دعويدارن ۽ انهن جي حامين کي ملڪ جي آئين ۽ قانون موجب جوابده بڻايو وڃي.اجلاس ۾ مولانا محمد صالح الحداد، سيد سراج احمد شاهه امروٽي مولانا عبدالمجيد قريشي، مفتي سعود افضل هاليجوي، عبدالرزاق عابد لاکو مولانا محمد صالح انڍڙ حاجي عبدالملڪ ٽالپر ڊاڪٽر اي جي انصاري، مولانا محمد رمضان پهليوٽو مولانا محمد اسحاق لغاري، سليم سنڌي، سميع الحق سواتي مولانا منظور احمد سومرو، مولانا عبدالحميد مهر ايڊووڪيٽ غلام سرور بليدي، حاجي رفيق احمد سومرو، مولانا فتح محمد مهيري، مولانا عبدالجبار حيدري سميت ٻين شرڪت ڪئي.اجلاس ۾ چيو ويو ته 19، 20 ۽ 21 مارچ 2027ع تي سکر ۾ منعقد ٿيندڙ تاريخي امنِ عالم اجتماع جي تيارين کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو. اجتماع ۾ بيت الله شريف، مسجد نبوي صہ بيت المقدس ۽ مسجد اقصيٰ سان لاڳاپيل معزز ائمه ڪرام مختلف ملڪن جي عالمن امن جي سفيرن، ديني ۽ مذهبي اڳواڻن ۽ سڀني مڪتبنِ فڪر جي اڪابرن کي شرڪت جي دعوت ڏني پئي وڃي.ان مقصد لاءِ ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي وفد مختلف طبقن ادارن ۽ اهم شخصيتن سان ملاقاتون ڪري دعوت ناما ڏنا ويندا.

مسوبرگڙي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن مان ڦٽي جو نئون فصل مقامي منڊي ۾ پهچڻ شروع

ڦٽي جو فصل لهڻ سان هارين، آبادگارن، پورهيتن ۽ واپارين ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي

منڊي ۾ ڦٽي جو في مڻ اگهه ڏهه هزار کان ٻارنهن هزار رپين تائين هلڻ ڪري آبادگار ۾ سرهائي

نئين فصل جا سٺا اگهه زرعي شعبي لاءِ خوش آئند آهن، ايندڙ هفتن دوران منڊي ۾ ڦٽي جي وڌيڪ اضافي جي توقع



مسوبرگڙي: ڦٽي جو فصل لهڻ سان هارين، آبادگارن، پورهيتن ۽ واپارين ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي

مسوبرگڙي (ن ع) مسوبرگڙي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن مان ڦٽي جو نئون فصل مقامي منڊي ۾ پهچڻ شروع ٿي ويو آهي جنهن سان هارين، آبادگارن، پورهيتن ۽ واپارين ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي آهي منڊي ۾ ڦٽي جو في مڻ اگهه ڏهه هزار کان ٻارنهن هزار رپين تائين هلي رهيو آهي، جنهن کي آبادگار حوصلا افزا قرار ڏئي رهيا آهن.هارين جو چوڻ آهي ته نئين فصل جي شروعات سان اگهن سان ٺيڪ سبب کين اميد آهي ته هن سال ڪپهه جي پوک مان مناسب منافعو حاصل ٿيندو آبادگارن موجب جيڪڏهن موسم سازگار رهي ۽ مارڪيٽ ۾ اگهه مستحڪم رهيا ته ڪپهه جي فصل مان وڌيڪ بهتر نتيجا حاصل ٿي سگهن ٿا ٻئي طرف ڦٽي جي آمد سان جننگ فيڪٽرين، ٽرانسپورٽ ۽ روزاني مزدوري سان لاڳاپيل ڪاروباري سرگرمين ۾ به تيزي اچڻ شروع ٿي وئي آهي پورهيتن جو چوڻ آهي ته فصل جي اچڻ سان کين روزگار جا وڌيڪ موقعا ملندا، جڏهن ته مقامي معيشت ۾ پڻ رونق پيدا ٿيندي واپاري حلقن جو چوڻ آهي ته نئين فصل جا سٺا اگهه زرعي شعبي لاءِ خوش آئند آهن. جڏهن ته آئيندڙ هفتن دوران منڊي ۾ ڦٽي جي وڌيڪ اضافي جي توقع ڪئي پئي وڃي

اوڏيرولال لڳ ڳوٺ پنيو خدري جي رهواسي جو احتجاج

آصف خاصخيلي ۽ ٻين نياڻي نظيران کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: منظور ماڇي

ايس ايڇ او بااثر جوابدارن کان لکين رپيا رشوت وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي لاءِ تيار ناهي

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال لڳ ڳوٺ پنيو خدري جي رهواسي منظور ماڇي معصوم نياڻين سميت بااثرن خلاف احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته آصف خاصخيلي صديق خاصخيلي وقار امجد ۽ ٻين گهر تي هلان ڪري فائرنگ ڪري منهنجي نياڻي نظيران کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش اوڏيرولال وليج ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرڻ باوجود پوليس ڪک ڀڃي ويٺو نه ڪيو آهي ۽ جوابدار هاڻ بيهر ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي ايس ايڇ او اوڏيرولال وليج بااثر جوابدارن کان لکين رپيا رشوت وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي لاءِ تيار ناهي ڪورٽ سگهوري جي ليٽر کي به نٿو مڃي علائقي جا معزز به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي جوابدار بااثر آهن منهنجي نياڻي نظيران کي اغوا ڪندا جنهن لاءِ آئون ڀي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ٿو ڪيان ته نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري سونکي ۽ منهنجي نياڻي کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ 2 ڏينهن اندر نياڻي سميت پنهنجي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙينداس جنهن جو ذميوار ايس ايڇ او اوڏيرولال وليج ۽ بااثر جوابدار هوندا



اوڏيرولال: ڳوٺ پنيو خدري جي رهواسي جو احتجاج

لاڙڪاڻي ضلعي جي سمورن پي پي ايڇ آءِ صحت مرڪزن ۾ هيٽ اسٽروڪ ڪارنر قائم

لاڙڪاڻو (اي پي پي)ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي جي اجلاس ۾ ڪيل فيصلن جي روشنيءَ ۾ پيپلز پرائمري هيلٿ ڪيئر انيشيئيٽو لاڙڪاڻي ضلعي اندر پنهنجي سمورن صحت مرڪزن تي خاص "هيٽ اسٽروڪ ڪارنر" قائم ڪري مڪمل طور فعال بڻائي ڇڏيا آهن.تفصيل مطابق لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ هن وقت سخت گرمي جي لهر جاري آهي ۽ گرمي پد 50 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رڪارڊ ڪيو ويو آهي جنهن ڪري طبي مسئلن ۾ واڌ سبب ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي هيٽ اسٽروڪ جي مريضن کي فوري شروعاتي طبي امداد ۽ هنگامي علاج فراهم ڪرڻ لاءِ ترت قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن جڏهن ته هر هيٽ اسٽروڪ ڪارنر تي گرمي کان متاثر مريضن جي وقت سر علاج ۽ سارسنڀال لاءِ سهولتون يقيني بڻايون ويون آهن.انهن مرڪزن ۾ هيٽ اسٽروڪ جي علاج لاءِ گهربل سمورين ضروري هنگامي دوائن، مريضن جي فوري طور پاڻي ۽ نمڪيات جي کوٽ پوري ڪرڻ، حالتن کي مستحڪم بڻائڻ لاءِ آءِ وي فلوئيڊز فراهم ڪرڻ، فوري زباني ري هائيڊريشن لاءِ او آر ايس جا پيڪٽ به ڏنا پيا وڃن

سکر جي علائقي ڳوٺ حاجي نهال خان ڪوسو جي رهواسين جو احتجاج

ڪوسا برادري جي عورتن ۽ مردن مير حسن ڪوسو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

غلام شبير ڪوسو ۽ ٻين عبدالباسط عرف شهمير ڪوسو کي قتل ڪيو: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي ڳوٺ حاجي نهال خان ڪوسو جي رهواسي ڪوسا برادري جي عورتن ۽ مردن مير حسن ڪوسو ماءُ مائي سڪاڻ ڪوسو،ڀاءُ ابوبڪر ڪوسو چاچو شاهه محمد ڪوسو ۽ ٻين معصوم ٻارڙن سان گڏ ڪلام پاڪ کڻي نوجوان عبدالباسط عرف شهمير ڪوسو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيو ته گذريل مهيني جي ٽيرهن تاريخ تي جوابدارن غلام شبير ڪوسو قيوم ڪوسو ،نعيم ڪوسو ،فرزان ،سردارو ڪوسو ۽ ٻين بيگناهه اسان جو نوجوان عبدالباسط عرف شهمير ڪوسو کي قتل ڪيو آهي واقعي جو ڪيس قادرپور ٿاڻي تي داخل ڪرايو آهي پر پوليس ڪوبه جوابدار گرفتار نه ڪيو آهي جوابدار ڌر ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ قتل ڪرڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي جوابدار گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

جونا ڳوٺ يونائيٽيڊ پاڪستان جي صدر پاران نون چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ تقريب

سکر (بيورو رپورٽ) جونا ڳوٺ يونائيٽيڊ پاڪستان جي صدر جلال الدين پٺاڻ جي طرفان پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي سکر جي نون چونڊيل عهديدارن چاچا گلزار پٺاڻ (سينيئر نائب صدر)، چوڌري اظهر (نائب صدر اول) ۽ اعجاز راجپوت (رڪارڊ اينڊ اپوئنٽ سيڪريٽري) جي اعزاز ۾ مني سلڪ سينٽر سکر ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ جونا ڳوٺ يونائيٽيڊ پاڪستان جي چيئرمين حاجي دلاور خان ڪامران ملڪ، فيصل شيخ، محبوب صديقي، عبدالنبي راجپوت، رضوان سميت تاجر سپريم ڪائونسل جي حاجي محمد شفيع عباسي، ماما صغير احمد، اصغر ارسلان ميمڻ ۽ تاجر برادري سميت معزز شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي سکر جي نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد پيش ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته هو پنهنجون ذميواريون بهتر نموني نڀائيندي عوامي مسئلن جي حل، پارٽي جي مضبوطي ۽ شهر جي ترقي لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪندا.

گمس اسپتال گمبٽ ۾ نئين ۽ مفت مني ايمبولينس سروس جو آغاز

مريضن جي سهولت لاءِ مفت ان ڪيمپس مني ايمبولينس سروس شروع

گمبٽ (ن ع) گمس اسپتال گمبٽ ۾ نئين ۽ مفت مني ايمبولينس سروس جو آغاز ٿي ويو گمس اسپتال گمبٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي قيادت ۾ گمس اسپتال گمبٽ مريضن جي سهولت لاءِ مفت ان ڪيمپس مني ايمبولينس سروس شروع ڪري ڇڏي آهي هي ايمبولينس اسپتال جي مين گيٽ کان ايمرجنسي وارڊ تائين فوري ۽ محفوظ سروس آهي جيڪا بزرگن ۽ معذور ماڻهن لاءِ خاص سهولت آهن ۽ هن ايمبولينس ۾ اسٽريچر آڪسيجن سلينڊر ۽ ايمرجنسي بيگز سان ليس مڪمل طور مفت ۽ باوقار سروس آهي جو ته مريض جي سهولت اسان جي اولين ترجيح آهي.

سکر جي علائقي باگڙجي جو رهواسي جو پاڙن خلاف احتجاج

نظير حقڙو پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ پاڙن جي زيادتين خلاف ڏانهيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي باگڙجي جو رهواسي نظير حقڙو پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ پاڙن جي زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيو ته سندس پاڙر ملڪيت مان حصو نه پيا ڏين جنهن سبب هن ڪيترائي ڀيرا پوليس ۽ ٻين اختيارن وٽ ڏانهيو آهيو پر انصاف نه ٿيو آهي ڪجهه ڏينهن اڳ پاڙن رات جي وقت حملو ڪري سخت تشدد بعد ٻانهن ڀڃي ڇڏي آهي پوليس کي اطلاع باوجود ڪوبه ڪارروائي نه ڪئي آهي ۽ جوابدار ڌر وڌيڪ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن سبب سخت پريشان آهيان گهرواري جي فوت ٿيڻ سبب معصوم ٻارڙن جي اڪيلي سرسنڀال ڪندو آهيان پر پاڙن جي ظلم سبب سخت پريشان آهيان هن وسوارن کان مطالبو ڪيو ته پاڙن جي ظلم جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.



Pakistan-China Friendship Celebrated Through Culture and Cinema in Karachi

Arts Council of Pakistan Karachi, in collaboration with the Ministry of Foreign Affairs Liaison Office Karachi, organized a Chinese Film Screening to commemorate the 75th anniversary of diplomatic relations between Pakistan and China. The event was attended by diplomats, honorary consuls, and a large number of people celebrating the enduring friendship between the two countries. Prior to the film screening, a cake was cut to mark the 75th anniversary celebrations, while Arts Council President Muhammad Ahmed Shah presented bouquets to Chinese Consul General H.E. Yang Yundong and Director General MOFA Muhammad Irfan Soomro. Speaking on the occasion, Consul General Yang Yundong said that Pakistan-China relations are a shining symbol of trust, sincerity, mutual respect, and a shared future, adding that cooperation in education, technology, the digital economy, and innovation should be further strengthened to create better opportunities for youth. Director General MOFA Muhammad Irfan Soomro said that China's development offers valuable lessons for Pakistan and that CPEC and the strategic partnership are helping the country move toward economic modernization and shared prosperity. He further noted that Arts Council Karachi has given diplomacy a new dimension through culture, literature, music, and cinema, with the Chinese Film Festival serving as an excellent example of promoting people-to-people ties and Pak-China friendship.























The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاڻيار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk


آڱارو 02 جُون 2026ع

ايران-آمريڪا ڇڪتاڻ: جنگ سفارتڪاري ۽ بدلجندڙ حقيقتون

وچ اوڀر هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي سياست جو مرڪز بڻيل آهي. ڪنهن مهل ته اِئين محسوس ٿي رهيو آهي، جهڙوڪ اڄهو معاهدو ٿي ويو ته ساڳي وقت وري حملا به شروع ٿي وڃن ٿا. تازين رپورٽن ۽ سيٽلائيٽ تصويرن مان ظاهر ٿيو آهي ته ايران، آمريڪي ۽ گڏيل فوجي تنصيبات کي اهم نقصان پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، جڏهن ته آمريڪا به ايران اندر هزارين هدفن کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ ڪري رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا فوجي دٻاءُ مسئلي جو حل آهي يا سفارتڪاري ئي اڳتي وڌڻ جو واحد رستو آهي؟ سيٽلائيٽ تصويرن ۽ آزاد تجزين موجب ايران گذريل ڪجهه مهينن دوران وچ اوڀر جي مختلف ملڪن ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن ۽ تنصيبات کي نشانو بڻايو آهي. انهن حملن سبب جديد فضائي دفاعي نظامن، ريڊارن ۽ فوجي سامان کي نقصان پهتو آهي. جيتوڻيڪ آمريڪي اختيارين ان نقصان بابت محدود معلومات جاري ڪئي آهي پر مختلف تجزيا ظاهر ڪن ٿا ته ايران جا جوابي حملا ان کان وڌيڪ اثرائتا هئا، جيترو سرڪاري سطح تي تسليم ڪيو ويو. اها صورتحال ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته جديد جنگين ۾ معلومات تي ڪنٽرول به هڪ اهم هٿيار بڻجي چڪو آهي. ٻئي پاسي آمريڪا جو چوڻ آهي ته هن پنهنجي فوجي آپريشن دوران ايران اندر هزارين هدفن کي نشانو بڻايو آهي. اهڙين دعوائن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ فوجي مقابلو رڳو روايتي جنگ تائين محدود ناهي پر اهو سياسي پيغام رساڻي ۽ نفسياتي برتريءَ جي جنگ به بڻجي چڪو آهي. ايران جي قيادت به مسلسل اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي ته آمريڪي فوجي اڏا هاڻي محفوظ ناهن رهيا ۽ آمريڪا جي علائقائي برتريءَ کي چئلينج ڪيو ويو آهي. انهيءَ سڄي منظرنامي ۾ هڪ اهم رخ سفارتڪاري جو به آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ايران سان ممڪن معاهدي لاءِ نوان ۽ وڌيڪ سخت شرط موڪلڻ صورتحال کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ڇڏيو آهي. آمريڪا جو بنيادي مطالبو اهو آهي ته ايران ڪڏهن به جوهري هٿيار حاصل نه ڪري، جڏهن ته ايران جو موقف آهي ته ڪنهن به معاهدي ۾ سندس قومي حقن، سلامتي ۽ اقتصادي مفادن جو مڪمل تحفظ لازمي هجڻ گهرجي. تهران بار بار اهو چئي رهيو آهي ته واشنگٽن تي مڪمل ڀروسو نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته ماضيءَ ۾ ڪيترائي معاهدا سياسي تبديليءَ سان متاثر ٿيندا رهيا آهن. اها حقيقت به نظرانداز نٿي ڪري سگهجي ته ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهين جو سلسلو مڪمل طور بند ناهي ٿيو. ٻنهي ملڪن جا نمائندا اڻ سڌيءَ طرح پيغامن ۽ تجويزن جي ڏي وٺ جاري رکيو اچن. اهو هڪ مثبت اشارو آهي، ڇاڪاڻ ته جڏهن جنگ ۽ سفارتڪاري گڏوگڏ هلن ٿيون ته اميد باقي رهي ٿي ته ڪنهن مرحلي تي تڪرار کي سياسي حل ڏانهن موڙي سگهجي ٿو. بهرحال، اعتماد جي کوٽ، سخت شرط ۽ علائقائي معاملن بابت اختلاف اڃا تائين ڪنهن حتمي معاهدي جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن.

ان ڇڪتاڻ جو سڀ کان وڏو اثر وچ اوڀر جي عوام تي پئجي رهيو آهي. جنگي ماحول سبب سيڙپڪاري متاثر ٿئي ٿي، توانائيءَ جون قيمتون غير يقيني صورتحال جو شڪار ٿين ٿيون ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ بيچيني پيدا ٿئي ٿي. خاص طور تي آبنائي هرمز جهڙي اهم سامونڊي گذرگاهه بابت خدشا عالمي معيشت لاءِ انتهائي حساس آهن، ڇاڪاڻ ته دنيا جي وڏي مقدار ۾ تيل جي فراهمي هن رستي سان جڙيل آهي. عالمي برادريءَ لاءِ ضروري آهي ته اها هن تڪرار کي وڌيڪ وڌڻ کان روڪڻ لاءِ فعال ڪردار ادا ڪري. فوجي طاقت جو استعمال مختصر مدي وارا نتيجا ڏئي سگهي ٿو پر مستقل امن صرف ڳالهين، اعتماد سازي ۽ باهمي احترام سان ئي ممڪن آهي. ايران ۽ آمريڪا ٻنهي کي اهو سمجهڻ گهرجي ته جنگ جي قيمت صرف فوجي نقصانن تائين محدود ناهي هوندي پر ان جا اثر نسلن تائين محسوس ڪيا ويندا آهن.

صحت کاتي سنڌ ۾ خالي جايون!



رحمت الله ٻرڙو

ڪنهن به سماج جي ترقي، خوشحالي ۽ انساني ڀلائي جو بنيادي دارومدار ان جي صحت جي نظام تي هوندو آهي. جڏهن صحت جو نظام مضبوط، فعال ۽ جوابده هوندو آهي ته عوام کي بهتر طبعي سهولتون ملنديون آهن. جڏهن ته انتظامي ڪمزوريون ۽ قيادتي خال نه رڳو ادارن جي ڪارڪردگيءَ کي متاثر ڪندا آهن پر سڌي طرح عوام جي زندگيءَ تي به اثرانداز ٿيندا آهن. سنڌ جي سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ صحت کاتي جي اهم انتظامي عهدن جو ڊگهي عرصي کان خالي رهڻ به اهڙو ئي هڪ مسئلو آهي، جيڪو سنجيده توجهه جو طلبگار آهي. صحت کاتي جي ڊويزنل سطح تي ڊائريڪٽر هيلٿ (ڊي جي) جهڙا عهده رڳو انتظامي پوسٽون نه آهن پر اهي سڄي علائقي جي صحت واري نظام جي نگراني، منصوبابندي، پاليسين تي عملدرآمد ۽ هنگامي حالتن ۾ فيصلن جو مرڪز هوندا آهن. جڏهن اهڙا عهدا مهينن تائين خالي رهن ٿا ته انتظامي تسلسل متاثر ٿئي ٿو ۽ فيلڊ سطح تي ڪم ڪندڙ عملو به واضح قيادت کان محروم ٿي وڃي ٿو. هن وقت سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ خسره، مليريا ۽ ايڊز جهڙين خطرناڪ بيمارين جا ڪيس سامهون اچي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته نگرانيءَ جو نظام وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي، بيمارين جي ڊيٽا جو تجزيو وقت سر ڪيو وڃي ۽ ضلعي سطح تي جاري پروگرامن جي باقاعده جائزي جو عمل جاري رهي. پر جڏهن انتظامي سطح تي خال موجود هجي ته انهن مقصدن جي حاصلات مشڪل بڻجي ويندي آهي.

انهيءَ صورتحال کي صرف تنقيد جي نظر سان ڏسڻ به مناسب نه هوندو. حقيقت اها آهي ته صحت کاتي کي گذريل ڪجهه سالن دوران آباديءَ ۾ واڌ، بيمارين جي نون چئلينجن، مالي وسيلن جي کوٽ ۽ ماهر آفيسرن جي محدود دستيابي جهڙن مسئلن کي به منهن ڏيڻو پيو آهي. ان ڪري مسئلي جو حل ادارتي سڌارن ۽ بروقت انتظامي فيصلن ۾ موجود آهي. مشاهدي طور ڏٺو وڃي ته سنڌ حڪومت گذريل سالن دوران صحت جي شعبي ۾ ڪيترائي اهم قدم پڻ کنيا آهن. جديد اسپتالن جي تعمير، طبعي سامان جي فراهمي، ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت پروگرامن ۽ بين الاقوامي ادارن سان سهڪار جا مثال موجود آهن. انفراسٽرڪچر سان گڏ انساني وسيلن ۽ انتظامي قيادت کي به ساڳي اهميت ڏيڻ ضروري آهي. هڪ جديد عمارت به تڏهن ڪارائتي ثابت ٿيندي، جڏهن ان جي نگراني ۽ انتظام جو نظام مضبوط هجي. خالي پيل اهم عهدن تي ميرٽ، صلاحيت ۽ تجربي جي بنياد تي جلد مقرريون ڪيون وڃن ساڳئي وقت هڪ اهڙو نظام به جوڙيو وڃي، جنهن تحت ڪنهن به اهم پوسٽ جي خالي ٿيڻ جي صورت ۾ متبادل انتظام اڳواٽ موجود هجي، جيئن انتظامي خلا پيدا نه ٿئي. ڪيترن ترقي يافته ملڪن ۾ جانشيني جي منصوبابندي (Succession Planning) کي خاص اهميت ڏني ويندي آهي، جنهن مان اسان کي به سکڻ جي ضرورت آهي.

ان سان گڏ ڊجيٽل مانيٽرنگ، ڪارڪردگيءَ جي باقاعده جائزي ۽ ضلعي سطح تي جوابدهيءَ جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ گهرجي. جيڪڏهن هر ضلعي جي صحت بابت انگ اکر ۽ ڪارڪردگي سڌي طرح صوبائي سطح تي مانيٽر ڪئي وڃي ته انتظامي ڪمزورين جي بروقت نشاندهي ٿي سگهي ٿي. عوامي ۽ طبعي حلقن جو اهو مطالبو بلڪل جائز آهي ته صحت جي نظام کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي. پر ان سان گڏ معاشري جي ذميواري به آهي ته صحت بابت آگاهي، حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ ۽ صفائي سٿرائيءَ جي قدمن ۾ ادارن سان سهڪار ڪري. صحت جو نظام صرف سرڪاري آفيسرن يا ڊاڪٽرن جي ذميواري نه پر هڪ گڏيل سماجي ذميواري آهي. سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ صحت کاتي جي اهم عهدن جو خالي رهڻ هڪ انتظامي مسئلو ضرور آهي پر ساڳئي وقت اهو صحت جي نظام کي وڌيڪ مؤثر، جوابده ۽ جديد بڻائڻ جو هڪ موقعو پڻ فراهم ڪري ٿو. جيڪڏهن حڪومت بروقت مقرريون، بهتر منصوبابندي ۽ مضبوط نگرانيءَ جا قدم کڻي ٿي ته نه صرف موجوده خال ڀرجي سگهي ٿو پر سنڌ جي لکين ماڻهن کي بهتر صحت جون سهولتون به فراهم ٿي سگهن ٿيون. عوام جي صحت ڪنهن به رياست جو سڀ کان قيمتي سرمايو هوندي آهي ۽ ان سرمائي جي حفاظت لاءِ مضبوط ادارا، قابل قيادت ۽ مستقل سڌارا اڄ جي اهم ضرورت آهن.

مختصر ڪهاڻي (حيوان)

اندر پلنگ تي پنهنجي مڙس کي ٽيڪ ڏيو هوءَ يوٽيوب تي شارٽس ڏسي رهي هئي، اسڪرول ڪندي ڪيترائي ريلز اهڙا آيا، جن تي هُن جون اکيون ڀرجي آيون. جڏهن ته ماءُ واري ريل تي هُوءَ روئي پئي ۽ موبائل مڙس

هندستان ۾ ڏڳي تي 'سياست'




مير اعظم علي ٽالپر

اڄڪلهه دنيا جو گهڻو به ملڪ هجي اُن ۾ مذهب کي سياست طور استعمال ڪيو وڃي ٿو خاص ڪري اهڙن ملڪن ۾ جتي جذبات جي باهه تيز هوندي آهي اُنهن ملڪن ۾ مذهب سان وابسته شين ۽ نشانين جو به استعمال ڪيو ويندو آهي جيئن هن وقت هندستان ۾ ڳئون ماتا جي نالي تي 'ڏڳي' کي استعمال ڪيو پيو وڃي شل ته ڪنهن مسلمان جي گهر ۾ ڪا ڏڳي ڪير پيئڻ لاءِ ٻيٺل نظر اچي ته اُن تي هندو ڪٽر پٽي وارا حملو ڪري ڏين ٿا. تازو عيدالاضحيٰ گذري آهي اُن قربانيءَ واري عيد تي ڪنهن به مسلمان قربانيءَ واسطي ڪا به ڏڳي خريد نه ڪئي ۽ مسلمانن پاران ڳئون مال خريد نه ڪرڻ سبب ڪيترائي هندو واپاري پريشان به رهيا پر مسلمانن جو ڏڳين کان بائيڪاٽ جاري رهيو هاڻ هندستان ۾ مسلمانن طرفان ڳئون کي قومي جانور قرار ڏيڻ جو مطالبو ٿي رهيو آهي پر في الحال مودي سرڪار ڏڳي تي سياست ڪري رهي آهي پر اُن کي قومي جانور نه ٿي ڪري. هندستان ۾ ڳئون جي مذهبي پوڄا عقيدت ڪان وڌيڪ سياست جي ورچڙهي وئي آهي هندستان ۾ جڏهن ڏڳيون يا ڳئون مال پوڙهو يا بيمار ٿي ويندو هو ته اُهو پاڪستان ۽ هندستان جي سرحد تي خاردار تار لڳل نه هوندي هئي ته اُهو پاڪستان ۾ هليو ايندو هو خاص ڪري راجستان يا گجرات واري پاسي کان سنڌ ۾ ايندو هو پر هندستان پاران بارڊر تي تار لڳڻ ڪانپوءِ پوڙهيون ۽ بيمار ڏڳيون هندستان ۾ دربدر ٿي مري رهيون آهن تازو ئي عيدالاضحيٰ جي ڏينهن ۾ هندستاني صوبي راجستان جي سنڌ سان لڳل آخري ضلعي جيسلمير ۾ هڪ واقعو پيش آيو آهي ۽ اُن جي وڊيو به وائرل ٿي آهي جيسلمير ۽ گهوٽڪي ضلعا ويجهو آهن ۽ ٻنهي جي وچ ۾ سنڌو درياهه آهي گذريل هفتي جيسلمير شهر ۾ 500 مٿي ڏڳيون مليون آهن ڏڳين جا لاش بلڪل خراب حالت ۾ هئا، هن سنسني خيز واقعي جي سوشل ميڊيا تي وڊيو وائرل ٿيڻ بعد ضلعي انتظاميا ۽ حڪومت اڪ پٽي آهي ڳئون ماتا کي هن حالت ۾ پهچائڻ وارا به اُهي آهن جيڪي ڏڳي جي پوڄا پاٺ ڪن ٿا هاڻ انتظاميا ۾ هلچل پئجي وئي آهي پر پوءِ به اهو گوڙ ۽ شور نه آهي جو نه هتي ڊبل انجڻ واري سرڪار آهي جو نه راجستان ۾ به بي جي پي مودي سرڪار آهي ته مرڪز ۾ به آهي اُن ڪري هنگاما نه آهن.

گهوٽڪي ضلعي ۾ راقم جو گهڻو اچڻ وڃڻ رهيو آهي ڪچي واري علائقي ۾ درياهه پار نورل لکڻ ريتي، خانڳڙهه، رونتي وغيره جا ڳوٺ واقع آهن هندستان جي جيسلمير ضلعي جو آخري ڳوٺ منڙاهو سنڌ جي ضلعي گهوٽڪي جي سرحد سان لڳو لڳ آهي ان ڳوٺ جي ڏکڻ طرف ڪجهه فاصلي تي ٻاڙمير ضلعو شروع ٿئي ٿو جڏهن ته اُن جي سامهون سنڌ جي گهوٽڪي ضلعي جو ڳوٺ ڪارو آريسر واقع آهي جڏهن سرحد تي تارون هڻي بندوبست نه ڪيو ويو هو ته ٻنهي پاسن کان ماڻهن جي اچ وڃ جاري رهندي هئي هتان جا آريسر منڙاهو ويندا هئا ۽ منڙاهو جا سوڍا راڄ راٺوڙ آريسر درس ۽ سمان برادريءَ جا ماڻهو هتي ايندا هئا بعد ۾ بارڊر تي لائيٽون لڳڻ تي تارن جو لوڙهو هڻي سرحد کي سيل ڪيو ويو، جنهن ڪانپوءِ اچ وڃ مڪمل طور بند ٿي وئي ان کان اڳ مال يور ۽ ڏڳا هر وقت ٻنهي پاسن کان ايندا ويندا هئا خاص طور جيسلمير مان بيمار ۽ پوڙهو مال هتي پهچندو هو ۽ ڏڳيون به عام طرح اينديون رهنديون هيون پر سرحد تي تارن جو لوڙهو لڳڻ ڪانپوءِ مال جي اچ وڃ به بند ٿي وئي اهڙيءَ طرح انهيءَ پاسي ضلعي سانگهڙ جي تعلقي کپري جون سرحدون به هندستان جي ٻاڙمير ضلعي سان ملن ٿيون هندستان ۾ 'ڏڳي' کي مذهبي عقيدي موجب مقدس حيثيت حاصل آهي ۽ ان جي پوڄا ڪئي ويندي آهي پر جڏهن اها بيماري يا پوڙهاپ سبب هلڻ چلڻ کان لاچار ٿي پوي ٿي ته ان کي سنڀالڻ ۽ رکڻ هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويندو آهي گهڻا سال اڳ جڏهن راقم پرائمري پڙهندو هو 60ع واري زماني ۾ ته بابا کي هڪ هندو سونهري پچومل پنهنجي ڳئون بيهارڻ لاءِ ڏئي ويو هو، جيڪا ڪيترائي سال حفاظت سان اسان وٽ بيٺي رهي ۽ اُن کي اهو سونهري پچومل وقت به وقت ڏسي هٽ لاٿي ويندو هو ۽ اهڙي طرح سان هو پنهنجي عقيدي مطابق پوڄا ڪندو هو ڏڳي هڪ اهڙو جانور آهي جنهن لاءِ اردو جو مشهور پهاڪو آهي ته 'يہ تو الله ميان کي گائين هي' مطلب ته ڳئون غريب مسڪين جانور آهي جيڪو ماڻهو سان وڙهي نٿو، حالانڪ اهو به چيو ويندو آهي ته ڳئو ويهت (مال) مارينو آهي ۽ اُن کان پاسو ڪرڻ گهرجي اڄڪلهه هندستان ۾ بيمار ۽ پوڙهو مال وڏو مسئلو بڻيل آهي چو ته اڳ ۾ پاڪ ۽ هند ۾ بارڊر بند نه هئڻ سبب مال هن طرف هليو ايندو هو پر هاڻ سرحد بند هئڻ سبب اهو سلسلو ختم ٿي چڪو آهي هندستان ۾ ڳئون کي ماءُ چئي مسلم ڪميونٽي کي نشانو بڻايو وڃي ٿو ۽ واقعو اهڙي صوبي ۾ ٿئي ٿو جتي ها مخالف حڪومت هجي ها ته اُن جو خير نه هجي ها اُن ڪانسواءِ ڪنهن مسلم اڪثريتي علائقي ۾ ايترين مٿل ڏڳيون ملن ها ته هندو انتهاپسند زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏين ها اِهو به چئو رهي ته جيسلمير جي مقامي اخبارن به خبرون گهٽ ڏنيون آهن هندستان ۾ 2014ع کان مودي جي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڳئون عقيدت بدران سياست جو هٿيار بڻجي وئي آهي بي جي پي حڪومت ڏڳي کي اهميت ڏيندي وٺاڻ مان ڪئي سياست جي ميدان ۾ آڻي بيهاري ڇڏيو آهي جنهن بعد ڏڳي جي سياسي اهميت ۽ قيمت وڌي وئي آهي اُن جو نتيجو اِهو نڪتو آهي ته ڳئون بچاءُ تنظيم پاران 100 مسلمانن کي هجومي دهشتگردن ماري ڇڏيو آهي اُنهن تي الزام هو ته اُهي ڏڳي جو گوشت کائي وڃي رهيا هئا. سڀ کان وڏو سانحو 2015ع جي عيدالاضحيٰ جي موقعي تي اتر پرديش ۾ پيش آيو، جتي محمد اخلاق کي ماريو ويو هو پر پوليس جانچ ۾ پڌايو هو ته اهو گوشت پاڏي جو هو پر هاڻ اهو ٽرينڊ بڻجي ويو آهي بس مسلمانن کي ڳئون جا ناليءَ تي مارڻو آهي ۽ اُن لاءِ نام نهاد ڳئون محافظ تيار ويٺا رهن ٿا، هندستان جي 28 صوبن مان اٺ صوبن ۾ ڳئون کي حلال ڪيو وڃي ٿو جن ۾ اروناچل پرديش، گووا، ڪيرالا، ميگهاليه، ميزورام، ناگاليند، ٽريپورا ۽ اولهه بنگال شامل آهن. هنن صوبن ۾ ڳئو مال ڪُهڻ ۽ گوشت وڪرو ڪرڻ تي پابندي نه آهي. انهن صوبن ۾ قصائين کي مال به غير مسلم ڏيندا آهن. جن ۾ مرڪز جي ماتحت علائقن ۾ نگر حويلي دمن ۽ ديو، پانڊيچري شامل آهن پر هاڻ بنگال ۾ بي جي پي سرڪار اچڻ بعد ڏڳي جو وڪرو بند ٿي ويو آهي 1951ع جي قانون موجب 14 سالن کان ننڍو ڳئو مال ڳابو ۽ ڳابي ڪهڻ تي بندش آهي هن سال هزارين واپاري بنگال ۾ ڳئو مال ڪپائڻ لاءِ پڙي ۾ ڪاهي آيا پر ڪو به خريدار نه هئڻ سبب پريشان رهيا، جڏهن ته هندو عورتن جو چوڻ هو ته اسان پنهنجا زيور وڪڻي مال پليو هو ۽ هاڻ ڪير وٺڻ لاءِ تيار نه آهي بهرحال هن قرباني واري عيد تي مسلمانن وڏي صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪيو ۽ رڳو ٻاڪرو مال قرباني لاءِ خريد ڪيو. بهرحال هندستان ۾ ڏڳي مذهبي عقيدي کان وڌيڪ سياست واري ڏڳي بڻجي وئي آهي واهه مودي تنهنجي 'ڏڳي'!!

موهن جو دڙو: ٻين قديم شهرن جي ڀيٽ ۾ معاشي برابريءَ جو تصور ڏنو!



ٻارو ربڊلي / گل محمد منگي

ڏهاڪن تائين آثارِ قديمه جي ماهرن جو خيال رهيو ته شهرن جي واڌ ويجهه سان گڏ اڻبرابري به وڌندي آهي جيئن جيئن آباديون وڌنديون ويون، دولت حڪمرانن، مذهبي پيشوائن ۽ اشرافيه خاندانن جي هٿن ۾ مرڪوز ٿيندي وئي پر موهن جو دڙو بابت هڪ نئين تحقيق هڪ مختلف تصوير پيش ڪئي آهي يونيورسٽي آف يارڪ جي محققن موهن جو دڙو ۾ رهائشي اڏاوتن جو جائزو ورتو، جيڪو سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي سڀ کان وڏن شهرن مان هڪ هو ۽ هيءَ شهر موجوده پاڪستان ۾ 2600 ق.م کان 1900 ق.م تائين پنهنجي عروج تي رهيو. تحقيق مان ظاهر ٿيو ته هتي اڻبرابريءَ جي سطح ٻين قديم شهري سماجن جي ڀيٽ ۾ گهٽ هئي امير ۽ غريب رهواسين وچ ۾ فرق وقت سان گڏ وڌيڪ گهٽ ٿيندو ويو، تحقيقي ٽيم هن ماڳ تي اڳ ٿيل کوٽائين جا رڪارڊ جاچيا. هنن سڄي شهر ۾ گهرن جي ماپن تي ڌيان ڏنو ۽ معاشي اڻبرابري ماپڻ لاءِ 'جيني ڪوئيفيشنٽ' استعمال ڪيو. اڄ به معاشيات جا ماهر دولت جي ورڇ جو جائزو وٺڻ لاءِ اهو ئي نظام استعمال ڪن ٿا وڌيڪ اسڪور وڏي معاشي فرق ڏانهن اشارو ڪن ٿا موهن جو دڙو جا اسڪور ميسوپوٽيميا ۽ ڪانسيءَ جي دور واري يونان جي شهرن کان گهٽ هئا. محققن هڪ ٻيو دلچسپ رجحان به ڏٺو جيئن جيئن شهر ترقي ڪندو ويو، اڻبرابري وڌڻ بدران گهٽ ٿيندي وئي شهر جي پوئين دورن ۾ گهرن جا ماپا هڪٻئي سان وڌيڪ مشابهه ٿيڻ لڳا. وڏن ۽ ننڍن گهرن وچ ۾ فرق ايترو گهٽجي ويو جو اهو وڏن شهري مرڪزن بدران شروعاتي زرعي ڳوٺن جهڙو لڳڻ لڳو ساڳئي وقت موهن جو دڙو وڌندو ويو ۽ وڌيڪ خوشحال ٿيندو ويو. آثارِ قديمه جي ماهرن گهڻي وقت کان ان ڳالهه تي ڌيان ڏنو آهي ته هن شهر ۾ ڇا موجود نه هو؟ کوٽائين دوران نه ڪو شاهي محل مليو، نه حڪمرانن جا وڏا مجسما ۽ نه ئي سون يا قيمتي شين سان ڀريل شاهانا مقبرا ٻين قديم تهذيبن بادشاهن ۽ حڪمران طبقن سان لاڳاپيل يادگارن تي تمام گهڻو خرچ ڪيو، جڏهن ته موهن جو دڙو هڪ مختلف رستو اختيار ڪيو هيءَ شهر منظم گهٽين ۽ گندي پاڻيءَ جي جديد نيڪال نظام سبب مشهور ٿيو سرن سان ٺهيل ناليون پاڻي مان گذرنديون هيون ۽ سڄي آباديءَ جي عام گهرن کي سهولتون فراهم ڪنديون هيون. عوامي ڍانچو صرف اشرافيا جي علائقن تائين محدود نه هو پر سڄي شهر ۾ پکڙيل نظر اچي ٿو. واپاري نظام ۾ به ساڳيو رجحان ڏسڻ ۾ آيو سنڌو ماٿريءَ جون مهرون، جيڪي واپار ۽ انتظامي معاملن ۾ استعمال ٿينديون هيون، شهر جي عام گهرن مان به مليون. آثارِ قديمه جي ماهرن کي اهڙو ڪو ثبوت نه مليو، جنهن مان ظاهر ٿئي ته حڪمران طبقي انهن شين تائين رسائيءَ تي ڪنٽرول رکيو هجي معياري تورَ ۽ ماپا به سڄي علائقي ۾ لاڳو هئا. محققن جو خيال آهي ته شهري انتظام اڻبرابريءَ کي محدود رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو سيڙپڪاريءَ جو مرڪز روزمره جي زندگيءَ سان لاڳاپيل عملي نظام مطابق هو، جن ۾ نيڪال آب، گهٽين جي سنڀال ۽ گڏيل عوامي ڍانچو شامل هئا. شهر جي گهٽين سان لاڳاپيل ترقياتي ڪم ان ئي دور ۾ وڌيا، جڏهن معاشي فرق گهٽجي رهيو هو تحقيق جي مک ليڪ ڊاڪٽر ايڊم گرين چيو ته موهن جو دڙو پنهنجي دور جي ٻين وڏين تهذيبن کان بلڪل مختلف هو قديم مصر حڪمرانن لاءِ اهرام تعمير ڪيا، ڪانسيءَ جي دور واري يونان اشرافيه لاءِ محل اڏيا، جڏهن ته موهن جو دڙو اهڙين عوامي سهولتن ۾ سيڙپڪاري ڪئي جن مان سڄي آبادي فائدو ورتو آهي نتيجا ان پراڻي تصور کي چئلينج ڪن ٿا ته معاشي ترقي لازمي طور وڌيڪ اڻبرابري پيدا ڪري ٿي موهن جو دڙو ۾ شهري ترقي ۽ وڌندڙ پيداوار سان گڏ وسيلن جي نسبتاً برابر ورڇ به موجود هئي محققن موجب هيءُ قديم شهر دنيا جي انهن واضح مثالن مان هڪ آهي جتي وڏي پيماني تي شهري زندگي گڏيل عوامي ڍانچي ۽ معاشي سرگرمين تائين گڏيل رسائيءَ تي ٻڌل هئي اها تحقيق نوان سوال اٿاري ٿي ته ابتدائي شهر اصل ۾ ڪيئن ڪم ڪندا هئا؟

بجيٽ 27-2026 ڇا عوام کي رليف ملندو!



اعجاز منگي

قومي بجيٽ سال 27-2026 جون تياريون آخري مرحلن ۾ داخل ٿي ويون آهن وفاقي حڪومت هر سال جيان هن سال به جون جي 5 تاريخ تي ايندڙ مالي سال جي بجيٽ پيش ڪرڻ واري آهي ٻڌائي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب موجب 'نئين بجيٽ ۾ عوام تي گهٽ ۾ گهٽ بار وجهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ۽ وزيراعظم جي هدايت آهي ته بجيٽ ۾ عوام لاءِ رليف ڪڍي اچون'. ٻڌائي واري وفاقي وزير جو وڌيڪ چوڻ آهي ته حڪومت مهانگائيءَ ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ مسلسل قدم کڻي رهي آهي ۽ بجيٽ ۾ ٽيڪس وڌائڻ بدران انفورسمينٽ ۽ ڪمپلائنس تي زور ڏنو ويندو هن وڌيڪ چيو ته ڪيترن ئي ملڪن لاءِ هن وقت فوڊ سيڪيورٽي جو مسئلو تمام گهڻو آهي اسان کي پوري اميد آهي ته اسان جي قيادت جون ڪوششون ضرور رنگ لائينديون.

ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته ايندڙ مالي سال لاءِ وفاقي بجيٽ ۾ پگهارن ۾ اضافي لاءِ مختلف تجويزون تيار ڪيون ويون آهن ان ۾ سليانيو 12 لک کان 22 لک روپيا پگهار وارن لاءِ ٽيڪس ۾ رليف، ڪنوينس الائونس گريڊ هڪ کان 19 تائين 100 سيڪڙو ۽ گريڊ 20 کان 22 تائين 50 کان 75 سيڪڙو اضافي جون تجويزون شامل آهن پگهار ۾ 10 سيڪڙو اضافي جي تجويز، گريڊ هڪ کان 16 تائين ڊسپيرٽي الائونس جي گٽ ڪرڻ جي تجويز ۽ آرڊيننس فيڪٽري رفاهه ڪنٽري بورڊ پينشن اسڪيم ۾ شموليت جي به تجويز آهي پگهارن ۾ اضافي جو حتمي فيصلو بجيٽ کان اڳ وفاقي ڪابينا اجلاس ۾ ڪيو ويندو. ملازمن جي پگهارن ۾ 2022 ۾ 15 سيڪڙو، 2023 ۾ 30 سيڪڙو، 2024 ۾ 20 سيڪڙو ۽ 2025 ۾ 10 سيڪڙو مجموعي طور تي 4 ايڊهاڪ رليف شامل آهن ذريعن ٻڌايو ته حڪومت انهن مان هڪ ايڊهاڪ کي به گهٽ ڪري سگهي ٿي پر بجيٽ ۾ پگهارن ۾ اضافي لاءِ اڃا تائين جيڪي تجويزون زير غور آهن. انهن مان اڃا تائين ڪنهن به تجويز کي حتمي شڪل نه ڏني وئي آهي ڇاڪاڻ ته بجيٽ جون تجويزون بجيٽ کان اڳ وفاقي ڪابينا اجلاس ۾ پيش ڪيون وينديون ۽ وزيراعظم ڪابينا جي مشاورت سان پگهارن ۾ اضافي جو فيصلو ڪندا ذريعن جو چوڻ آهي ته اضافو ضرور ڪيو ويندو پر وزيراعظم ڪنهن به تجويز تي حتمي فيصلو بجيٽ واري ڏينهن ڪابينا اجلاس ۾ ئي ڪندو. جڏهن ته خطي ۾ پروڊيوم مصنوعات ۾ اضافي تي ڪنوينس الائونس وڌائڻ حڪومتي ترجيح آهي.

سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ اضافي تي آءِ ايم ايف سان ڳالهين جا دور هلندڙ آهن. ذريعن ٻڌايو ته آءِ ايم ايف سان ڳالهين جا دور حتمي مرحلن ۾ آهن ڪجهه ذريعا اهو به ٻڌائين ٿا ته پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ بجيٽ ڳالهيون مڪمل سيڪنڊي معاملن ۽ هدفن تي اتفاق ٿي ويو آهي صرف پگهاردار طبقي کي رليف ڏيڻ لاءِ ايف بي آر جون ورچوئل ڳالهيون جاري آهن آءِ ايم ايف موجوده مالي سال ايف بي آر لاءِ هٽي پيري ٽيڪس جو حدف گهٽائڻ تي اتفاق ڪري چڪو آهي جنهن ڪانپوءِ ايف بي آر جو حدف 13 هزار 979 ارب مان گهٽائي 13 هزار 5 ارب روپيا ڪيو ويو آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته ايندڙ مالي سال جي بجيٽ جو حجم لڳ ڀڳ 18 هزار ارب روپيا ٿي سگهي ٿو ٽيڪس جو حدف 15 هزار 264 ارب روپيا رکڻ جو امڪان آهي جڏهن ته سڌي ٽيڪس مان 7 هزار 4 سئو 13 ارب روپيا حاصل ٿي سگهن ٿا. ايندڙ مالي سال فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي مان 1043 ارب روپيا گڏ ڪرڻ جو حدف رکيو وڃي سگهي ٿو جڏهن ته سيلز ٽيڪس مان 4 هزار 7 سئو 27 ارب روپيا گڏ ٿي سگهن ٿا. ايندڙ مالي سال ڪسٽم ڊيوٽي مان هڪ هزار 6 سئو 51 ارب روپيا گڏ ڪرڻ جو حدف رکيو وڃي سگهي ٿو ان ڪانسواءِ ايندڙ مالي سال پيٽروليم ڊيولپمينٽ ليوي مان 1727 ارب روپيا گڏ ڪرڻ جو حدف مقرر ٿي سگهي ٿو جيڪو گذريل سال 1468 ارب روپيا هو نئين بجيٽ ۾ نان ٽيڪس آمدني جو حدف 2768 ارب روپيا ۽ گيس سرچارج مان 151 ارب روپيا گڏ ڪرڻ جو حدف مقرر ٿي سگهي ٿو وفاق ايندڙ سال وياج ۽ قرض جون ادائيگيون ڪندو ان جو اندازو 7 هزار 8 سئو 24 ارب روپيا ٿي سگهي ٿو ان ۾ مقامي قرضن جي ادائيگي 6 هزار 6 سئو 52 ارب ۽ غير ملڪي قرضن جي ادائيگي تي هڪ هزار 107 ارب روپيا خرچ ٿيڻ جو اندازو لڳايو ويو آهي ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ 2 سئو 20 ارب روپيا جا نوان ٽيڪس لڳڻ جو امڪان آهي جڏهن ته پگهاردار طبقي لاءِ ٽيڪس سليبز ۾ ردوبدل جي تجويز آهي.

هن وقت عوام مهانگائيءَ جي گهاڻي ۾ پيسجي رهيو آهي معاشي ماهرن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف جي سخت پروگرام سبب حڪومت هن پيري مالي ڊسيپلين برقرار رکڻ تي مجبور آهي اسٽاڪ مارڪيٽ تي بجيٽ جا اثر مجموعي طور تي ڏاڍا ڏکيا رهندا حڪومت ٽيڪس نيٽ وڌائڻ لاءِ سخت قدم کڻي رهي آهي وياج جي وڌندڙ شرح ۽ تيل جي وڌندڙ قيمتن جي پسمنظر ۾ حڪومت هن بجيٽ ذريعي ملڪي معيشت کي ڪهڙي رخ تي کڻي وڃي ٿي ۽ آءِ ايم ايف جي هدفن کي ڪهڙي حد تائين پورو ڪري سگهي ٿي چو ته علمي ادارو عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ تيار ناهي حڪمران اتحاد جي سياست متاثر ٿيندي، آءِ ايم ايف جي سخت شرطن سبب هن پيري به بجيٽ جو بنيادي مقصد ٽيڪس نيٽ وڌائڻ ۽ معاشي استحڪام برقرار رکڻ آهي معاشي ماهرن مطابق جيڪڏهن علمي سطح تي تيل جون قيمتون مستحڪم رهيون ته ملڪي جي ڊي پي گروٿ 3 کان ساڍا 3 سيڪڙو تائين رهي سگهي ٿي بهرحال ايندڙ بجيٽ حڪومت لاءِ امتحان هوندو ته اها آءِ ايم ايف جي شرطن ۽ عوامي رليف وچ ۾ توازن ڪيئن برقرار رکي سگهي ٿي؟

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

جَرَ تَرُ تِڪَ تَنوارَ، وَڻَ تِڻَ وائِي هَيڪِڙِي،
سَيپِئِي شَيءِ ٿِئا، سُوريءَ سَرا وارَ،
هَمَ مَنصُورَ هَزارَ، ڪِهڙا چاڙهِي چاڙهِيان.

جر = زمين جي اندر جو پاڻي / تَرُ = ٻاهر وارو پاڻي، درياهه، ڍنڍيون، ڍورا، تلاءَ / تڪ = تين پاڻيءَ جا تيز وهڪرا، نديون، نيئون، نالا / تنوار = آواز، ٻوليون، هڪ آواز ٿي ڳالهائڻ / وڻ تڻ وائي = ننڍي وڏي وڻ، ٻوٽن، ٻروٽن جي ٻولي، ذڪر يڪ آواز / سيپئي شيءِ = قدرت جي خلقيل هر هڪ چيز يا مخلوق / سوريءَ سرا وار = اذيتناڪ موت واري سزا جا مستحق، لائق / همَ = سڀ شيون، ڪل، مڙيوئي، جملي. (سر- سهڻي، مرتب ڀانهون خان شيخ)

درياهه ۾ سهڻي جي موت تي قدرت کي ڏک ۽ ارمان مان ڏوراپو ڏيندي لطيف سائين چئي ٿو ته "هتي تنهنجي هر شيءِ مان، زمين جي جر مان، زمين جي مٿان وهندڙ درياهن، ندين نالن، نباتات ۽ ٻي هر هڪ مخلوق جي ساڳي وائي يا ساڳيو ئي آواز آهي ته اسين سڀئي سوريءَ يعني اذيتناڪ موت جي لائق آهيون. چو ته تو هڪ سڪ وند، پيار، محبت، عشق جي مشتاق کي ماري رکيئي، هاڻ هتي ته سموري شيءِ يا لا تعداد مخلوق منصور بڻيل آهي، تون ڪيترن کي سولي تي چاڙهيندين؟

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ---- 02 جُون

سيد حاجي محمد شاهه چاموٽ

سنڌ جو هيءُ مهمان نواز ۽ باهمت انسان 2 جون 1891ع تي مٽياريءَ ۾ ڄائو سندس واسطو مٽياريءَ ۾ رهندڙ سيدن جي ٻاقيل پوٽا پاڙي سان هو سنڌي، فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم مٽياريءَ جي جيد علمن کان حاصل ڪيائين هو هڪ بهترين قاري هو ۽ قرآن مجيد جي تلاوت نهايت ئي مٺڙي آواز سان ڪندو هو. نهايت ئي نيڪ بزرگ هو 13 حج ڪيائين نماز روزي جو پابند هو ۽ هميشه وضوءَ ۾ رهندو هو خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين 1924ع ۾ انجمن سادات مٽياريءَ جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو هن سنڌ جي عام سرمائيدار سياستدانن وانگيان مختلف پارٽين ۾ رهي مفاد حاصل ڪرڻ بدران هڪ سماجي ڪارڪن طور قوم جي خدمت ڪئي هن بزرگ جو وڌيڪ احوال سائين جي ايم سيد جي ڪتاب "جنم گذاريم جن سين" ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

اڳتي هلي ڪراچيءَ جي هوميوپيٿڪ ڪاليج مان ڊپلوما آف هوميوپيٿڪ ميڊيسن سسٽم جي سند حاصل ڪيائين هن جرمنيءَ مان هوميوپيٿيءَ جو هڪ ايڊوانس ڪورس پڻ پاس ڪيو هن عملي زندگيءَ جي شروعات ڪراچيءَ ۾ فوڊ انسپيڪٽر طور ڪئي 2007ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ دادوءَ ۾ پنهنجي هوميوپيٿڪ ڪلينڪ تي مريضن جو علاج ڪندو رهيو ڊاڪٽر صاحب هڪ معالج هجڻ سان گڏ هڪ بهترين ليکڪ پڻ هو هنجا به ڪتاب "ٻارن جون عام بيماريون، هوميوپيٿي ۽ بايو ڪيميڪل علاج" ۽ "ميٽيريا ميڊيڪا جو سنڌي ترجمو" شايع ٿيل آهن هن 1992ع کان 2000ع تائين لاڳيتو 8 سال "روزاني جاڳو" اخبار ۾ "جاڳو هوميوپيٿڪ ڪلينڪ" جي نالي سان هفتيوار مضمون لکيا. هن 24 آڪٽوبر 2024ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.



مختيار ازٿ

ڏينهن تي 1956ع ۾ ننڍي شهر لڳ ڳوٺ ميرڻ خان رند ۾ ڄائو غربت سبب تعليم حاصل نه ڪري سگهيو ۽ هاريو ڪري گذران ڪندو هو بعد ۾ هو پنهنجي ڪتب سوڙ تنڌي جان محمد ويجهو اچي رهيو هن سنڌي، سرائڪي، بلوچي ۽ اردوءَ ۾ شاعري ڪئي سندس شاعريءَ ۾ بيت، وايون، غزل ۽ نظم شامل آهن سندس هڪ غزل ۽ ڪافي مير اصغر حسين اصغر پنهنجي ڪتاب "ونا وڻ پراڻ جا" ۾ ڏني آهي هن پلوڙ شاعر بابت وڌيڪ معلومات نه ملي سگهي آهي.

بيگ جي مشهور ناٽڪن "انڪوائري آفيسر" ۽ "حرڪت ۾ برڪت"، قمر شهباز جي ڊرامي "عيد برابري" ۽ ماڻڪ جي لکيل "بختاور" سميت ڪيترن ئي ٻين ناٽڪن ۾ هدايتڪار طور خدمتون سرانجام ڏنيون پاڻ مرزا قليچ بيگ جو وڏو شيدائي هو ۽ نصير مرزا ۽ ٻين هم خيال اديبن سان گڏجي مرزا قليچ بيگ ادبي سنگت جو پايو وڌائين هن سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ اگر پبلشنگ ايجنسي پڻ قائم ڪئي هن پريات آرٽ سرڪل جو بنياد رکيو گڏوگڏ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، شاهه لطيف سوشل ويلفيئر سوسائٽي ۽ سنڌي ادبي سنگت سان سلهاڙيل رهيو هو مختلف سنڌي رسالن جو ايڊيٽر پڻ رهيو، جن ۾ تند تنوار، ناٽڪ ۽ سنڌي ساهت شامل آهن هن انمول انسان 2 جون 2006ع تي رات جو هڪ وڳي وفات ڪئي ڪيس ٽنڊي جام جي نورشاهه قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

خالد سنڌي

اڄ نالياري اديب، پبلشر ۽ سماجي اڳواڻ خالد سنڌيءَ جي جنم جي تاريخ آهي



هن جو پورو نالو خالد حسين ولد جان محمد ٻگهيو هو 2 جون 1912ع تي ڪوٽڙيءَ ۾ پيدا ٿيو مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين بي اي ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون به حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ ۾ هو هڪ بينڪ آفيسر هو ۽ آل پاڪستان بينڪ آفيسر يونين جو سيڪريٽري به رهيو. هن سنگت، چارڻ ۽ بادل پبليڪيشن جو بنياد وجهي ڪافي سنڌي ڪتاب ڇپايا. هن چارڻ ٻيجل ۽ سنگت جي نالي سان ادبي رسالا به جاري ڪيا پر اهي گهڻو عرصو نه هلي سگهيا. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "هر دل ڪربلا" ۽ "هوندا سي حيات" شامل آهن سماجي ڪمن ۾ هميشه اڳيرو رهيو هن 23 سيپٽمبر 1999ع تي وفات ڪئي.

سرتاج لکياري

سرتاج لکياريءَ جو نالو هڪ ڊراما نگار ۽ شاعر طور ادبي دنيا ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هن جي جنم جي تاريخ تي ڪجهه مونجهارو آهي محمد عرس اظهر سولنگيءَ پنهنجي ڪتاب "دادو ضلعو هڪ اڀياس" ۾ هن جي جنم جي تاريخ 2 جون 1940ع ڄاڻائي آهي جڏهن ته سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي جمڻ جي تاريخ 2 جنوري 1940ع لکي وئي آهي هن جو اصل نالو سيد حسين شاهه ولد سيد چٽل شاهه هو. هن پرائمري تعليم ڳوٺ دين محمد شاهانيءَ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ انٽر دادوءَ مان پاس ڪرڻ بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن تعليم کاتي ۾ هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪم ڪيو هن کي اسٽيج ڊرامن سان خاص دلچسپي هئي هن سرتاج ڊراميٽڪ سوسائٽيءَ جو بنياد وڌو ۽ انهيءَ سوسائٽيءَ پاران ڪيترائي اسٽيج ڊراما پيش ڪيا، اڪثر ڊراما هو پاڻ لکندو هو هن 4 آگسٽ 1992ع تي وفات ڪئي.

يونجراج ڪيسراڻي سوٿڙ

اوڀر سنڌ جي هن نامور تعليمي ماهر، ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ شخصيت جو جنم



اڄوڪي ڏينهن تي 1953ع ۾ عمرڪوٽ ضلعي جي شهر نئين ڇور ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول حويلي ناڪر مان حاصل ڪئي، ڇهين کان اٺين ڪلاس تائين گورنمينٽ مڊل اسڪول نئين ڇور ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڀوري ناري مان پاس ڪيائين ٻارهين ڪلاس جو امتحان سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي ايڊ، ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايم اي (انگريزي) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي. اڳتي هلي 1976ع ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر ۽ 1983ع ۾ هاءِ اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو هن مختلف اسڪولن ۾ هيڊماسٽر طور ڪم ڪيو هن عمرڪوٽ ضلعي جي ڊپٽي ايجوڪيشن آفيسر ۽ سانگهڙ ضلعي جي ايجوڪيشن آفيسر طور پڻ ڪم ڪيو هن ڪيترائي درسي ڪتاب، سفرناما ۽ ٻيا ڪتاب لکيا آهن.

منظور ڪوهيار

منظور ڪوهيار سنڌ جو نالي وارو ساهتڪار آهي



اڄ سندس سالگرهه جو ڏينهن آهي هو ادبي دنيا ۾ هڪ بهترين ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڪالم نگار، ڊراما نگار ۽ سوانح نگار طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو سندس جنم 2 جون 1955ع تي ولايت خان ڪوهيار جي گهر لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي شهر لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي، اڳتي هلي ايم اي سوشالاجي ۽ ايل ايل بي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين ان کان علاوه هائوسنگ پلاننگ ۽ بلڊنگ ۾ هالينڊ مان پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما پڻ حاصل ڪيائين هن لڳ ڀڳ درجن کن ڪتاب، اسٽيج

محمد حسن جان سرهندي


